# خمار گيت چاندني

رحمت الله پيرزادو



نئون نياپو

# خمار گيت چانڊني

(شاعري)

رحمت الله پيرزادو

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ

ڪتاب جو نالو: خمار، گيت، چاندني

موضوع: شاعري

شاعر: رحمت الله پيرزادو

ڇاپو پهريون: جولاءِ 2012

تعداد: 1000هزار

ڪمپوزنگ: احمد خان مگسي

ڇپائيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ

فون نمبر: 0346_2103811

قيمت: 100 رپيا

حسين رات، سانوري، خمار گيت، چانڊني،
گهڙي ٿي اڄ ٻه زندگي، خمار گيت، چانڊني،
گلاب جي پتين جيان، چپن مٿان چميون چٽيون،
چمين منجهان چٽيا وري، خمار گيت، چانڊني.

**حبدار سولنگي**

# ارپنا

سنڌ ڌرتيءَ جي عاشق، ماهر تعليم
۽ منهنجي محترم استاد:

**سائين راشد مورائيءَ**

جي نالي
شال قبول پئي.

❊❊

# مهاڳ

## گهر وارن جو پيارو ۽ آسمان جو تارو

هي چوڪرو جنهن جي ڇٺيءَ رات جو نالو رحمت الله آهي، اُن تي هن جي ڏاڏي جو نالو رکيو ويو آهي، هن کي پيار مان رڳو گهروارا نه پر سڀ مٽ ”ببلو“ ڪوٺيندا آهن. هي جڏهن ڄائو هيو ته گهر ۾ ڄڻ عيد اچي وئي هئي، ڇو ته هن جي پيءُ کي ياءَ ڪو نه هيو ڇئن ڀينرن ۾ اڪيلو ڀاءُ هيو ببلو وري ٻن ڀينرن کان پوءِ ڄائو هي گهر وارن کي ڏاڍو پيارو هو آسمان جو تارو هو.

هي اهڙو خوبصورت هيو جو هن کي ڏسي دل ۾ اهڙي خواهش پيدا ٿيندي هئي ته ڪاش! اسان کي به اهڙو پٽ ڄمي.

هي ياڳ وارو به هيو هن جي ڄمڻ سان هن جو پيءُ جيڪو ايگريڪلچر سان واسطو رکي ٿو سو سنڌ جي هڪ وڏي ”پٺي“ فارم سڪرنڊ جو مينيجر ٿيو. (پٺي جنهن جو ذڪر رحمت الله جي شاعريءَ ۾ به آهي.)

هي پٽن سان پيار ڪندڙ گهر ۾ پيدا ٿيو هن جي ڏاڏي جيڪا منهنجي ناني هئي سا سنڌ جي روايتي ڪراڙين جيان پٽن سان عشق ڪندي هئي، پٽن کي پوڄيندي هئي، هن کي پٽن جون ڏنگايون به وڻنديون هيون.

ناني پنهنجي پيءُ جي چوٽي ٻڌائيندي هئي ته ”ڏاند ۽ پٽ ڏنگا ڀلا لڳندا آهن.“

هن جي ڏاڏي هن جي پيءُ سان جيئن عشق ڪندي هئي، ڪاش! ببلوءَ جي ماءُ به هن سان ائين عشق ڪري ها.

هن جي پيءُ جو نالو مير محمد پيرزادو آهي، جيڪو رڳو سنڌ جو خوبصورت شاعر نلهي پر سنڌ سان پيار به ڪندو آهي، هن سرڪاري ملازم هوندي سنڌ جي سياست به ڪئي آهي. ببلوءَ جو پيءُ منهنجو مامو آهي، مان زندگيءَ جا ٽيهه سال هنن سان گڏ هنن جي گهر ۾ رهيس.

ماما جا مون تي ايترا ته احسان آهن جو مان لاهي نه سگهندس پر ڳائيندو رهندس، مون کي هن گهر کي ڇڏي پندرنهن سال ٿيا آهن پر شايد ڪو ڏينهن هجي جو مان هنن کي ياد نه ڪيو هجي.

مان دعا گهرندو آهيان تہ اي منهنجا رب! مون کي ماما جو احسان فراموش نہ ڪجان، هن کي دمڪشي ۽ دل جي موضي مرض کان بچائجان.

مان تہ هن کان ڏار ٿي رهڻ جو تصور بہ نہ ڪيو هو مگر ڪجھ حالتون اهڙيون ٿي ويون هيون، جنهن ۾ نہ هن جو قصور آهي نہ منهنجو بس هي لکيجو ليک هو.

پٺائي چواڻي:

قلم وهي ويو ڪانهہ، سرتيون ڪنهن سياڳ لئہ.
انگ اڳيئي لکيو اُت نہ پهچي پانهن،
ڪنهن کي ڏيان دانهن، تہ پرين مان سين ائين ڪيو.

نبي سائين چيو هو تہ حضرت موسيٰ اهڙو سڀاجهو هو جهڙا سنڌي

مان چوندس تہ موهن جي دڙي جا سنڌي اهڙا هوندا جهڙو ببلو جو پيءُ هن ڪڏهن بہ پاڙي واري سان مٺ مائٹ سان جهيڙو جهڳڙو نہ ڪيو هن جو پيءُ هن سان رڳو پيار نہ ڪندو آهي پر هن جي عزت ۾ چوڻ بہ ڪندو آهي، چو تہ هن تي هن جي پيءُ جو نالو آهي، مان سوچيندو هوس تہ ڪاش! منهنجو پيءُ بہ اهڙو هجي ها!

ماما ماءُ سان ڏاڍو پيار ڪندو هو ماما جي گهريلو زندگيءَ جي تباهيءَ جو ڪارڻ ماءُ سان انتهائي محبت هئي، هوءَ آخري دم تائين هن جي ڪمري ۾ رهندي هئي، هي روايتي روحاني تہ نہ رهيو پر جي جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي، تہ اها هن کٽي ورتي آهي. هن جي ماءُ وري هن سان هن کان وڌيڪ پيار ڪندي هئي، ناني ماما جي اچڻ جو انتظار ائين ڪندي هئي جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوب جي اچڻ جو انتظار ڪندو آهي.

هن جي مانيءَ تي ائين پهرو ڏيندي هئي، جيئن ڪو وفادار سپاهي پنهنجي ملڪ جي سرحد تي پهرو ڏيندو آهي.

ببلو جو ڏاڏو پنهنجي دور جو وڏو شاعر هيو لواري شريف جو مريد هيو هن پنهنجي مرشد تي ڪلاسيڪل قصيدا لکيا آهن. جيڪي هن جي پاٽني ستار پيرزادي ڇپرايا آهن، اڄ بہ هن جا قصيدا مريدن جي مجلسن ۾ پڙهيا ويندا آهن ۽ عقيدت سان ٻڌا ويندا آهن.

ببلو جي ڏاڏي ۽ پڦي هن سان پوڄا جي حد تائين پيار ڪنديون هيون، ان ڪري ٻالڪپڻي ۾ هن جون وڏيون پيڻرون هن سان حسد ڪنديون هيون،

هي دادلو هجڻ ڪري ڏاڍو ڏنگو هو وري جو هن کي هن تان ننڍي پيڻ ڇائي، ان سان تہ جنيون ڪندو هو هن جي ڏاڏي کي وري چڙ اها هئي تہ اهو بہ پٽ ڇو نہ ڄائو؟

هڪ ڀيري مان ناني جي ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهيو هوس تہ ببلو جي ننڍي ڀيڻ جنهن کي ڪڪي چوندا هئاسين، سا دانهن ڪٽي آئي تہ ببلو اڳيرائي ڪري مون کي چنبو هنيو آهي، جنهن تي ناني چيس تہ ڀاءُ هڪ چئبو هڻي تہ ان کي چئبو آهي تہ ڀيو بہ هڻي ڪڍ، مون کي ان وقت ناني جي ان فيصلي تي ڏاڍي کل آئي هئي، پر اڄ مون کي صبر تي حضرت عيسيٰ جو قول ٿو ياد اچي تہ ”ماڻهو چماٽ هڻن تہ انهن کي ٻيو ڳل ڪڍي ڏيو.“

ببلو مون کي ڏاڍو وڻندو هو پر غربت جو زمانو هو. مان ڪراچي ۽ حيدرآباد مان پنهنجي لاءِ ليلامي ڪوٽ وٺڻ ويندو هوس تہ هن لاءِ بہ وٺندو هوس، مان پنهنجي دوست منير شاهہ کان ڪينن ڪيمرا وٺي هن جا فوٽو ڪڍندو هوس، تڏهن سوچيندو هوس تہ ڪاش! مون کي اهڙو پٽ ڄمي، مون کي 2003ع ۾ ببلو جهڙو ”مارو“ نالي پٽ ڄائو ۽ ان کي ڏسي ببلو کي بہ مون وانگر اها حسرت ٿي تہ هن کي مارو جهڙو پٽ ڄمي. ببلو کي 2007ع ۾ مارو جهڙو پٽ ڄائو جنهن جو نالو هن ”روحل“ رکيو آهي، هي اسان جي خانداني ڪٿا آهي. ببلو جو پيءُ جڏهن فارم مينيجر ٿيو تہ هن جي ڏاڏيءَ پنهنجي پراڻي خواهش پوري ڪئي هن ميهون ڏاريون.

هن جي ڏاڏي جيڪا منهنجي ناني هئي سا چوندي هئي تہ ڪير پير آهي اهو ڪپائبو ناهي، صبح شام مينهن جو ڪير ايترو ڪير ڪيترو ڪير پئي، پوءِ پوٽو ۽ ڏاڏي پاڻي بدران ڪير پيئندا هئا. صبح واري ڪير شام جو خالي ڪري ڇڏيندا هئا. تڏهن تہ ببلو هڏ ڪاٺ ۾ ماٺس ۽ پٽس کان مختلف آهي، هي باڊي بلڊر ۽ قدآور آهي.

ببلو لو ميريج پنهنجي پيرزادا فيمليءَ ۾ پنهنجي سوٽ سان ڪئي، ترقي پسند فيملي هوندي هن عام سنڌي ڇوڪري وانگر لو ميريج جي پوڳنا پوڳي، هي ڪراچي جي شهر ۾ پنهنجي ونيءَ سان اڪيلو ۽ اداس رهيو هئڙي دلبر ۽ دادلي ٻار جو وهانو ڪو نہ ٿيو ماءُ ۽ ڀينرن سهرا ڪو نہ ڳاتا. پيءُ پلئہ ڏئي ڪو نہ پرڻايو مونکي ڪا بہ خبر نہ هجڻ باوجود جيڪو حال هيو مون هن سان ڀاءُ وانگر ساٿ ڏنو.

اهو غزل جو پراڻو انداز ضرور آهي، مگر ان ۾ فارسي ٻوليءَ جا ڏکيا لفظ ناهن. سندس ڪتاب ۾ ٻيا نظم آهن. سندس نظم پڙهي مون کي حيرت لڳي ته پابند نظم به ايترا آزاد ٿي چڪا آهن. هنن نظمن ۾ داستان يا قصو ڪهاڻي آهي ئي ڪونه. هي احساس تي دارومدار رکندڙ نظم آهن. سندس نظم جون ڪجھ سٽون سامهون اچي ويون آهن:

لٽيل آ ڪافلو دل جو
گهٽيل هن موسمون سيئي،
نديءَ جي هُن ڪناري تي
مصور مور پيو ناهي،
ملنگ هن ديس جا ماڻهو
پيئن ٿا ٻُڪ ۾ پاڻي.

بهرحال سندس نظم احساساتي آهن. هن جي ڪتاب جي آخري صنف "گيت" آهي. گيت جو ته شاعر سندس گهر ۾ موجود هئو مير محمد پيرزادي کان پوءِ گيت جو ڪو ڏڳ ته آهي ئي ڪونه! رحمت الله جي گيتن تي ڇا لکجي. سندس گيت مير محمد پيرزادي جي گيتن جو پرتوو آهن. مثال طور:

مون اڳ اهو سوچيو هئو
پيو ڳائجي ملهار کي، هن سارنگيءَ جي تار کي،
هوءَ ڍنڍ نيريءَ مان تري، ايندي وري نيلم پري،
لهندي اچي آغوش ۾،
دل ڪونه رهندي هوش ۾!

هي موسيقيءَ سان ڀرپور گيت آهن. مون کي اميد آهي ته پڙهندڙ سندس شاعريءَ کي خوب ساراهيندا، ڇو ته هن وٽ احساس، درد، پختگي ۽ موسيقيت آهي، جيڪي سڀ شيون شاعريءَ جو ساھ آهن.

**فيض پيرزادو**

# پنهنجي پاران

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ تاريخ جو عظيم سچ، يروشلم جي گهٽين مان لهو لهان گذرندو آهي، مگر ان کان پترس جهڙو پيار ڪندڙ بہ بار بار انڪار ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي، مگر نااميدي ۽ مايوسي ڪفر آهي، اڄ اهو ان وقت جو ڳنگهار سچ دنيا جي اڌ مهذب آبادي جو مذهب آهي، اسا نڪي سوچڻ ڪپي تہ ڇا اسان پنهنجي مسيحا جي مقدس هٿن ۾ ڪوڪا ٺنبجندي ڏسي سگهڻ جو ست بہ رکون ٿا يا نہ؟؟

انقلاب جي معنيٰ غزا جي پٽيءَ ۾ پٽيندڙان ماءُ کان وڌيڪ ڪير بہ نہ ٿو ٻڌائي سگهي، جنهن جا ست ئي پٽ انقلاب جي باهہ ۾ سڙي ڳري چڪا آهن، سنڌ اسان جي مقدس امن پسند ڌرتي آهي، سنڌ نديءَ ڪنڌ جي سين سڌريل تهذيبن جي ماءُ آهي، اڄ اسان کي هٿيار کڻڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ۽ سميع الله ڪلهوڙي کان مظفر پٽي تائين اسان جي ارڏن جوانن جا تشدد شده لاش اماڻيا ٿا وڃن، مون کي تاريخ جي هڪ ننڍڙي شاگرد جي حيثيت ۾ اهو خوف آهي تہ سنڌين هٿيار کنيا تہ ايشيا جو نقشو تبديل ٿي ويندو جنهن هٿ بندوق سان ماڻهو ماريو اهو ڪڏهن بہ گلاب جو گل پوکي نہ ٿو سگهي، امن اسان جو تاريخي تشخص آهي، اسان جي شناخت ۽ ورثو آهي، اگر اوهان اسان جي شناخت ۽ اسان جو ورثو اسان کان کسيندئو تہ اسان ڪنهن ٻي شبيهہ سان توهان آڏو ايندا سين، ان ظلم ۽ حالتن جي جوڙيل مجسمي جي هٿ ۾ ممڪن آ تہ قلم بجاءِ بندوق هجي ۽ بندوق امن ۽ زندگيءَ بجاءِ دهشت ۽ موت جي علامت آهي.

اهڙين حالتن ۾ بہ آئون پنهنجي قوم کي ڪتاب ڏيندي پر اميد آهيان تہ اسان ويڙهہ ۾ حق سچ جي ڳالهہ قلم سان ڪرڻ جا قائل آهيون، هن ناسازگار حالتن ۾ بہ آئون مايوس ناهيان ڇو تہ انبن ۾ ٻور، سرنهن ۾ ڦولار ۽ شاعرن جي گيتن ۾ اڃان محبت زندهہ آهي، اسان جي قوم هر حوالي سان

سجاڳ آهي، خدارا! هن پرامن قوم کي ڪتاب لکڻ ۽ علم ڏيڻ بجاءِ اهڙن چڙواڳ هٿيارن جو عادي نہ بڻايو نہ تہ هي صدين جي مهذب قوم دنيا جي بربادي کي روڪي نہ سگهندي.

آئون پنهنجي هن ڪتاب لاءِ فيض پيرزادي، شاهہ محمد پيرزادي، ادريس جتوئي، ماهين هيسباڻي، ستار پيرزادي، انعام عباسي ۽ نئون نياپو اڪيڊميءَ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

**رحمت الله پيرزادو**
2012_07_01


گلستان جوهر ڪراچي.
0333_7551931
0304_8343196

## غزل

گلن جي موسم گلن ئي ماڻي، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين،
اڌوري پنهنجي رهي ڪهاڻي، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين.

اوهان کي پنهنجي سکن مان فرصت، ملي تہ ڪڏهين ڏسو اسان ڏي،
وهي اسان جي ڏکن آ ڇاڻي ، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين.

غرورِ - چاهت ۾ دل جو ڪعبو ڏسو تہ ڪيڏو حسين آهي،
اڃان تہ جواني آ مڌ - هاڻي، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين.

ستار جي تار جو تصور، فنا جو مون لئہ عُروج آهي،
وري اوهان جو هي تند تاڻي، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين.

نہ دل ئي دنيا جا درد ڇينيا ، نہ يار سان ئي ملي سگهيا سين،
عمر جي ريکا اڌوري ڇاڻي، اسان تہ پن ڇڻ جو روپ ٿيا سين.

•••

پرين تون خواب ئي آهين، تو توکي خواب ۾ ڳوليان،
حياتيءَ کي حياتيءَ جي، پيو سيلاب ۾ ڳوليان.

آهيان بي ملھہ پرين ليڪن، ڪندو ھڪڙو ڦڙو گوهر،
سپيءَ ايئن ڪو نہ سوچيو ھو تہ، ڇا پئي آب ۾ ڳوليان.

ڪڏهن تاريخ ٿا ھيندڙ نا ھن تاريخ ۾ لکبا،
پڇين ڇا تو تہ ڇا تاريخ جي تو باب ۾ ڳوليان.

جهڪايا ۽ ڪتايا جنھن، وڏا ھت ڪنڌ ھن ڪيئي،
پرين ان تند کي ان جي، پيو تو تاب ۾ ڳوليان.

حياتي طلسمي آھي، ڏنو جنھن کي قلھوري مون،
مماتي معجزا ھاڻي، پيو مضراب ۾ ڳوليان.

اگر خاموش تون آهين، تہ پوءِ خاموش تون ناهين،
نقابن جي نگاهن کي، پيو گرداب ۾ ڳوليان.

•••

محبت کي محبت جي، اثر ۾ ڳوليو هئو مون،
وفا کي شام جي پوئين، پهر ۾ ڳوليو هئو مون.

محبت هڪ سفر هئي ۽ حياتي پڻ سفر آهي،
لڳي ٿو جڻ سفر کي ئي، سفر ۾ ڳوليو هئو مون.

خدا مون تي وسايا هن تڏهن پٿر سڀي جڳ جا،
خدا کي جو مقدس هِن، پٿر ۾ ڳوليو هئو مون.

تڏهن ئي هو ڪڏهن پڻ ڪونہ آ مون کي ملي سگهيو،
سڄڻ کي جو سڄڻ جي ئي، شهر ۾ ڳوليو هئو مون.

لکيو مون پاڻ تنهنجو نانءُ، هئو هن دل جي ڪاڳر تي،
رُلي پنڪي پرين ساڳئي، اکر ۾ ڳوليو هئو مون.

ڪڏهن پٿر، ڪڏهن گوهر، ڪڏهن سِپ تي سمندر ۾،
ڪڏهن سقراط تي توکي، زهر ۾ ڳوليو هئو مون.

تہ تون عيسا، محمد ۽ ڪڏهن پڳوان آن "رحمت"!
تڏهن مسجد، ڪليسا ۽ مندر ۾ ڳوليو هئو مون.

•••

شاعري پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟
عاشقي پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟

ٻار جي هٿ ۾ روئي ٿي، ٻار پڻ هن سان روئي ٿو،
آرسي پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟

جنهن کي دريءَ مان اوچتو، ڏسندي هئي هوءَ ڇرڪندي،
ڇوڪري پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟

جنهن ڇوڪريءَ جي پرن ۾، آ جوانيءَ خواب پوکيو،
هيکلي پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟

نيث پنهنجون وينو ڇڏي، آوارگيون "رحمت" جتي،
سا گهٽي پيچندي رهي ٿي، چند گھر ڇو ٿي ويو آ؟

●●●

جيئن حجابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن،
نيڻ خوابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

منهنجا توکي ڏسي سپ گُنهه اي پرين!
ڇو ثوابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

هي اُڏن ٿا لهن ٿا پکي باغ ۾،
ڄڻ گلابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

ڪيئن چوان پنهنجي چاهت جا جهرڻا سيئي،
اڄ سرابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

توکان مليل اهي سور اي ساجنا!
ڪئين ڪتابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

نيڻ ناراض ٿيا يي اگر ڪنهن طرح،
پوءِ عذابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

ٿهڪ تنهنجا هي آوارگيءَ ۾ پرين!
ڄڻ ربابن ۾ تبديل ٿي ٿا وڃن.

•••

جيئن پوريون ٿئي ڳائڻيءَ جون اکيون،
ڄڻ تہ روئي پيون راڳڻيءَ جون اکيون.

ساز چپ ٿيا، لوڪ پٿر ٿيو،
رقص ۾ گم هيون ناچڻيءَ جون اکيون.

مور جا ناچ ۾ لڙڪ آيا تري،
تو نہ آهن ڏٺيون سانوڻيءَ جون اکيون.

سنڌ ساري ڏکاري ٿئي آ پرين!
روز واري ٿيون پاتڻيءَ جون اکيون.

بيٺ تي ٽيڪ ٻيڙيءَ کي ڏئي، ٿئي ڏسي،
سمنڊ ۾ آ ويو ڪامڻيءَ جون اکيون.

•••

چا تہ اندر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو،
پس - منظر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

لفظ لفظ ۾ واريءَ جو آ پنڌ لڪل،
ذات ڏهر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

هر ڪا رات نئين آ، هن جي جيون جي،
هر بستر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

ڪيڏا ڏينهن گذاريا تئين اوجاڳن ۾!
المنظر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

ويني ڪٿ تي تنها هن لئہ سوچي ٿي،
ڪليل در ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

هر منظر ۾ درد زماني جو آهي،
ساري تر ۾ تڪ آ، هن جي نيڻن جو.

•••

چپ چاپ آ سمندر، پيڙيون پـ تي پـڌل هـن،
ڪنهن لاءِ شاهہ - بندر! پيڙيون پـ تي پـڌل هـن.

پورن ۾ پاتڻيءَ جـو چهرو ويـو آ گهنججي،
سوچي ٿو ان جو اندر، پيڙيون پـ تي پـڌل هـن.

سهڻو پتڻ تي پريان، چوئـرو چٽيـو پيو آ،
ان ڪان تـہ ٿـورو پاهر، پيڙيون پـ تي پـڌل هـن.

پنهنجون اُداس پونگيون، هڪ هٽ، هڪڙو هوٽل،
مسجد نـہ ڪوئي منـدر، پيڙيون پـ تي پـڌل هـن.

ڪنهن خواب جي نگر ۾، ٽوليءَ سان ٽهلندو هـُو،
گـذري پيـو قلنـدر، پيڙيـون پـ تـي پـڌل هـن.

●●●

هـر دل جـو ارمـان ايئـن ئـي ٿينـدو آ،
پٿـر جـو پڳـوان، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

ڪنهن نديءَ جي ڪپ تي ويهي ڏس تہ سهي،
لهـرن ۾ طوفـان ، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

شيشـن جـا ٽڪـرا وينـدو آ وقـت چـڏي،
خـالي روشـندان، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

مـاڻهو پنهنجـي معنـيٰ ڪـان خـود واقـف ٿئـي،
هـر مـاڻهوءَ جـو مـان، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

ڇـو ٿـي تـو ڪـي ويڳـاڻپ تـي حيـرت ٿئـي،
گـُـل بنـا گلـدان ، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

عشـق جـڏهن اونچـايون وينـدو آهـ ٽپـي،
مـوت تـڏهن آسـان، ايئـن ئـي ٿينـدو آ.

•••

ڏس ڪيئن ڪڪر سانوڻيءَ ۾ ٿا وري اچن،
جيئن ديپ ڏياريءَ ۾ ٿا ٻيهر ٻري اچن.

هڪ ياد ٿي اچي جي سڄڻ جي تہ او چري!
دل تي هزار گيت، غزل ٿا تري اچن.

جي تون غزل جي بند ۾ پوري اچي وڃين،
هن ذات ۾ حيات جا ڏيئا ٻري اچن.

هاڻي تہ تمنا ڪا ملڻ جي نہ رهي آ،
ساجن سان سُور ساهہ جا جيڪر سري اچن.

ٿي تون چوين ڪيان نہ مان تولئہ پرين گمان،
ڪيڏا تہ تولئہ وهم ٿا دل تي چريا اچن.

•••

سَاريُن جي ساواڻ اکين ۾ رهجي وئي،
پورب جي پيلاڻ اکين ۾ رهجي وئي.

ٻيا سڀ منظر رنگن ۾ ڊڪجي ويا پر،
نديا جي نيراڻ اکين ۾ رهجي وئي.

مرڪن جا پوپٽ ٿي سرتيون اُڏريون ڇڻ،
منهنجي بس هو پاڻ اکين ۾ رهجي وئي.

ٻيا سڀ سُور سڄڻ جا سيني ۾ سانڍيم،
لُڙڪن جي آلاڻ اکين ۾ رهجي وئي.

هڪڙي ئي بس چاهت جي تصوير اُها،
ڪنهن جي آخر ڪاڻ اکين ۾ رهجي وئي.

•••

غـزل جـو خـواب ٿي وئي چڻ، انهـن نيڻن جـي خاموشـي،
گلابـن تـي خمـار آيـو ٽڙنـي پـن پـن جـي خاموشــي.

دليـن ۾ دفـن هـن ڪيئـي اسـان جـا خـواب اڻ - پـورا،
نہ تون سمجهي ڪڏهن سگهندين، اها لفظن جي خاموشـي.

فقـط ڪمـري ۾ سـگريٽن جـو دونهــون ئـي بچيـو آهـي،
سـيئي گونگيـون هـي تصويـرون ۽ پـردن جــي خاموشــي.

نہ پڇ ان جي حُسن جـو تـون، سـحر بـازر ۾ اي سـاجن!
سـيئي پٿـر بڻيـا مـاٹهو، هئـي ڇهـرن جــي خاموشــي.

شـهر جـي رونقـن ڪـي تـون ڇـڏي مـون وٽ هلـي اچجـان،
جـڏهن پـي روپ تنهنجـو ٿـي وجـي درپـن جـي خاموشــي.

•••

اسان سچو مزو ورتو آ خارِدار تار جو،
هن قيد جي تہ رات جو ۽ مٿان بهار جو.

صليب تي مسيح هئو خدا جيان اڪيلڙو،
انجام ساڳيو ئي آ سڀئي هن قطار جو.

صدين ۾ جو نہ سوئجي، پلن ۾ ڪيئن پوئجي،
انهيءَ تي چا تہ روئجي، هي درد آهي پيار جو.

هي نيڻ ڪيئن ٿا ياڪرن ۾ مرڪندي ٽڙي پون،
اوهان نہ آ ڏٺو ڪڏهن مزو انهيءَ خمار جو.

تون لفظ لفظ کي پڙهي ۽ مرڪندي رهين سدا،
تو درد کو نہ سمجهيو اسان جي هن پڪار جو.

اوهان جي ڪوڙ جو بہ ڪيوسين، احترام ها مگر،
سو واسطو ٽٽي ويو اوهان سان اعتبار جو.

هي ساييان کان اڳ ۾ ئي آ خواب تي پٿر ڪڇيو.
اوهان نہ ذائقو چکيو آ درد جي نڪار جو.

وري مٿان ڪڏهن فضا ۾ ايئن نہ کو ڪري صدا،
ٻڌي وڃو اي دوستو! هي گيت هن ستار جو.

وڃي ٿي ڇير جي ڇم - ڇم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو ،
ٻٽي آ ناچٽي پُرنم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو.

نہ پيچ تون نيڻ هو كارا ، ككي ويا قرب ۾ جيكي ،
اسان جي عشق جو عالم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو.

ستارا سوچ ۾ پلجي ويا ، ٻذل آ چنڊ سجدي ۾ ،
ستل آ سانت ۾ گوتم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو.

پڇايا پب جا پٿر ، سسئيءَ جي پيار ئي آهن ،
كنيو ٿئين جيءَ جو جوكم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو.

پٽن جو ياڳ اتكي پيو ، امبر جي بادلن ۾ آ ،
وسي جيكر اچي آگم ، سڄو ڄڻ رڻ رڙي ٿو پيو.

•••

ڏينهن ٽرندو پکي لهي ايندا،
چاهه جي نانوَ تي کهي ايندا.

يادگيرا اُداس واريءَ تي،
روز ڍهندا وري ٽهي ايندا.

سي نه ٻيهر ڪڏهن سمهي سگهندا،
تو سان هڪ رات جي رهي ايندا.

تنهنجي يادن تي چانوَ ٿي ويندي،
سڙهه ڪَپَر تي وري کهي ايندا.

ليهه ۾ لڪچمڻ رُنو آهي،
لُڙڪ درياهه ۾ وهي ايندا.

•••

: آزاد ڪشمير جو سنڌو درياءَ تي آباد هڪ علائقو جتي هندو سنڌي، سنڌو
و ڏڻ ملهائيندا آهن.)

ٺ: لڇمڻ ڪومل هندستان ۾ سينيئر سنڌي ليکڪ)

ڪو نه ڇيڙو مليو آ بستيءَ جو،
سارو آهي قصور مستيءَ جو.

دل وچي پاڻ کان ٽپي اڳتي،
روح مون ۾ آ ڪنهن السيءَ جو.

هڪڙي هستي فريب جهڙي آ،
هڪڙو آهي فريب هستيءَ جو.

منهنجي دل آ، خريد ڪير ڪري،
هي نه سودو بزار سستيءَ جو.

ڪٿ زماني مون کي سچاتو آ،
آهي افسوس ان جي پَستيءَ جو.

•••

ڪوئي حسين روپ پنهنجو ڏيان ۾ تري،
۽ ڏار ان جي ذهن کان جڻ وڪ پيو چري.

هڪ آس آخري آ پئي دل جي دوار تي،
شل هو حسين يار هيل واءَ ۾ وري.

هي چلوليون چڱون ٿيون ٻڌائن پيون چٽو،
سارو پرينءَ جو روپ پئي برٿ ۾ پري.

هڪڙو نظر تي ناچ هيو حُسن جو ۽،
ٻيو حُسن هو نظر تي گهٽو ناچ کان پري.

ڏس چيٽ جي هوا جون ڏنگايون ڏنگن پيون،
پنهنجي نه يار هاڻ ٿي توکان سوا سري.

•••

درد پوءِ پي زمانو سهي ٿو وڃي،
خون توڙي سٽن ۾ وهي ٿو وڃي.

موت پنهنجي جو خاڪو ٿو ناهيان پيو،
ياد تون ٿي اچين جيئن، ڍهي ٿو وڃي.

تي ڪلانڪر جي ڪپ تان ڏسي شام ڏي،
سج لاڙي اکين ۾ لهي ٿو وڃي.

ڪيئي يادن جا پٿر ٿا پُٺ تي رهن،
قافلو پوءِ به اڳتي ڪهي ٿو وڃي.

دل جو خيمو نه ٿو ڪو وساري سگهي،
رات جيڪو به ان ۾ رهي ٿو وڃي.

•••

جنمن جي جُهولاني مون کان گم ٿي وئي،
دل ٿي منهنجا جاني مون کان گم ٿي وئي.

ڳوليان ٿو ماضيءَ جي انڌين غارن ۾،
منهنجي ڪٿ جواني مون کان گم ٿي وئي.

آڻ پريءَ جي آکاٽيءَ ۾ گم هئس،
۽ هوءَ منهنجي ناني مون کان گم ٿي وئي.

جيون ٿيو جنهن قصي سان منسوب اها،
چاهت جي نيشاني مون کان گم ٿي وئي.

شهر جون سيئي گليون سمجهي آيس پر،
نندپڻ جي حيراني مون کان گم ٿي وئي.

•••

هڪ ياد شفق تي ڇانئي هئي، تنهائي هئي،
هوءَ گويا سامهون آئي هئي، تنهائي هئي.

جو رنگ هو تنهنجي چهري جو سو وکريل هئو،
هڪ شام مٿان لهرائي هئي، تنهائي هئي.

ڪنهن وقت اُفق ۾ ڳالهہ هئي تنهنجي وارن جي،
جا ڇا تہ گهٽا ورجائي هئي، تنهائي هئي.

تنهنجي غم جي ڳالهہ ڳجهارت ٿي وئي هئي،
سا سرد هوا سلجهائي هئي، تنهائي هئي.

سا پيڇم تو ۾ ڪونہ ملي مون ڳولي ٿي،
جا پورب ۾ پنهنجائي هئي، تنهائي هئي.

***

ڪيــڏي تنهنجــي يـــاد پريـــن اڄ آئـــي آ،
ڪيامــازڙيءَ تــي ڇــڻ تــہ اُداســي ڇــانئي آ.

نيــڻ مصــور جــا ويــا ڪتبــن ۾ گم ٿــي،
تصويـــرن جـــي تهـــہ تـــائين تنهـــائي آ.

ڪو مسجد ڪي من سان سمجهي ڪين سگهيو،
ڪـــو منـــدر جـــي ســـائي ۾ ســـودائي آ.

ڳالهہ تہ پئي آ سڀ جي سامهون رستي ۾،
ســوچي وٺ، ســا سمجهــي ڪــڻ تــہ ســچائي آ.

هــي شـــاعر ئـــي ڪـــنت قـــاتل ۽ جـــلاد بـــہ آ،
ٿيــو شــهر ســڄو هــن رســوا جــي رســوائي آ.

•••

حُسن جو لاجواب،
چانڊوڪيءَ ۾ ڪو گلاب.

مون لٽائي ڇڏي جهان،
ڪيو اوهان جو انتخاب.

تون سرابن جي حقيقت،
تون حقيقت جو سراب.

چانڊوڪيءَ ۾ تون اُداس،
ڄڻ ته ڪوئي ماهتاب.

مون سميٽيو ننڊ ۾،
بي خوابيءَ جو خواب.

منهنجي توسان بندگي،
بي - بقا آ، ٻي حساب.

●●●

آس، پـــريءَ جـــو ســـوچي تـــي،
پيـــاس، نـــديءَ جـــو ســـوچي تـــي.

ســـپ ڪنهـــن جـــي دل ڪـــوِتـــا ســـان،
ڪيـــرَ ڪـــويءَ جـــو ســـوچي تـــي.

دلڙي توڪـــــان دوڪـــــا ڪـــــائي،
خودڪشـــــيءَ جـــو ســـوچي تـــي.

پيـــار تـــہ شـــايد هئـــو پـــل جـــو،
پيـــڙ صـــديءَ جـــو ســـوچي تـــي.

قـــُـــڙ قـــُـــڙ جـــو آواز بـــڌي،
اک دريءَ جـــو ســـوچي تـــي.

اوهان جت هِن رکيا پيرا، اتي موسم ٿهي وئي آ،
گهٽائن جا جتي گهيرا، اتي موسم ٿهي وئي آ.

ڏئي ٿو روز لامارا، اسان جو روح آوارا،
رهيا ٿر پوڻ تي پيرا، اتي موسم ٿهي وئي آ.

وري ناريون ڪٽي ڀهڙا، پرڻ پاٽي هليون آهن،
پريا هن چور جا ديرا، اتي موسم ٿهي وئي آ.

گهٽائون گهات تي آيون، هوائن ناهه سان ناهيون،
ڪنيان هارين ٻه هر ميرا، اتي موسم ٿهي وئي آ.

اکين ۾ يار جا سپنا، هجن ڄڻ دار جا سپنا،
اڏيا هِن عشق آکيرا، اتي موسم ٿهي وئي آ.

•••

فرشتن جي ثباتن کان، خدا ڪل ڪائناتن کان،
لڪيرن ۾ لڪائي، هٿ تي ڪي خواب رکيا هن.

ڪلانگر ڍنڍ کان ٽيندي، وڃن پيا ڏيپلي ڏي جي،
اسان تن بادلن جي رت تي ڪي خواب رکيا هن.

اڙي ڏاها! ٽيو ڏاها، ڪيو ڪا سنڌ جي واهر،
اسان انهيءَ چمن جي ڪٽ تي ڪي خواب رکيا هن.

زماني ڪي مٽائڻ لئه ته پيغمبر ڪو گهرجي پر،
اسان هن سادڙي ئي سٽ تي ڪي خواب رکيا هن.

انهن ٻانهن، انهن اکين، انهن ريشم جي چيڙن ۾،
سکيءَ جي سونهن، نڪ جي نٿ تي ڪي خواب رکيا هن.

•••

ڪو بہ رستي ۾ ڪونہ هئو شايد ،
مون بہ پُٺ تي ڏنو نہ هئو شايد.

جيڪو گھر تي ويو انڌيرن ۾ ،
ڪير ان سان مليو نہ هئو شايد.

مون ڏي خط جو جواب ڪو نہ آيو ،
تنهنجو ساڃيو پتو نہ هئو شايد.

مون چيس! روز سارجان مون کي ،
هو اهو اڄ رهيو نہ هئو شايد.

مون ڏنو ۽ وري ويس پٺ تي ،
پر اتي هوءُ پوءِ نہ هئو شايد.

•••

سڪ جي سار جي ڳالهہ ڪر،
مينهن ۾ يار جي ڳالهہ ڪر.

هِن نديءَ جو پڪي ٿو چوي،
مون سان هُن پار جي ڳالهہ ڪر.

مان تہ بيٺو رهيس جت هيس،
تنهنجي ڪردار جي ڳالهہ ڪر.

دل جو موتي ڏئين ٿو گهٽي؟
تون نہ بازار جي ڳالهہ ڪر.

ڪنهن بغاوت جو حصو بہ ٿيءُ،
ڪنهن تہ انڪار جي ڳالهہ ڪر.

ڇو مجسمر تون پٿر ٿئين!
ڪا تہ اڄ پيار جي ڳالهہ ڪر.

•••

اجـان پـي ڪــو امڪــان آهــي متــيءَ جــو،
خــدا جيــڏو ئــي شــان آهــي متــيءَ جــو.

هجــي شــاهه يــا ڪــو گداگــر هجــي پــر،
هتــي هــر ڪــو مهمــان آهــي متــيءَ جــو.

ڪڏهن سامهون ٿي خـدا جـي بـه پئـون ٿـا،
ميحــون ٿــا تــه انســان آهــي متــيءَ جــو.

ڪا خوشبوءِ گل جي سجاٽپ بـه ٿئـي ٿـي،
هـي مـاٽهو تـه بـي - جـان آهـي متـيءَ جـو.

انـا الحــق جــي اعــلان تــي ســوچيون ٿــا،
اِهــو اڄ تـــه وجـــدان آهـــي متـــيءَ جـــو.

●●●

تـو نـہ جنهـن کـي نگاهـہ ۾ رکيـو،
سمنـڊ تنهـن کـي پناهـہ ۾ رکيـو.

پيـار جهنگلـي عقـاب جهـڙو هئـو!
اهـڙو جهٽڪـو تـو چاهـہ ۾ رکيـو.

"دل" جزيـرو آ ڪنهـن حسـينا جـو،
دل کـي مـون آ گناهـہ ۾ رکيـو.

دل قبوليـو نـہ هئـو جـڏهن هـن کـي،
ڏوهـہ تـو ڇـو نڪـاح ۾ رکيـو.

تنهنجـو لهجـو ئـي يـاد آيـو آ،
ڪنهـن جـو پٿـر آ، راهـہ ۾ رکيـو.

•••

سـوادي كيتـري آهـي اِهـا مـاني رڪـي سـائين،
نہ ڄاڻي تون تيئن سگهندين، جيئن ڪا دل ٻڪي سـائين.

الائـي ڇـو اُداسـيءَ ۾ پيـو اڄ مـان اهـو سـوچيان،
اسان جي سار ڀي دل ۾ ڪڏهن توکي ڪُـکي سـائين؟

جڏهن ناراض تـون آهين، تہ ڪـو ئـي راز تـون آهيـن،
ڏکن جو ساز تـون آهيـن، جـڏهن آهيـن ڏکـي سـائين.

اُداسيءَ جي حُسن جـي ڀي ڪيان تعريف مان ڪهڙي،
ڪـائي لوبـان جـي خوشـبوءِ پئـي دل ۾ دُکـي سـائين.

چيم "عـادت وئـي آ تـي، توهان جـي يـار ڏڪـڙن جـي"،
گهڙي ڪـائي بہ سـورن کان سواءِ نـاهي سُـکي سائين.

•••

هڪڙو ميلو هئو، دل اڪيلي هئي،
من اڪيلو هئو، دل اڪيلي هئي.

شام جو نيرڳيون هُون سنڌوءَ تي،
هڪ بتيلو هئو، دل اڪيلي هئي.

مون سان يادون هُون هن جي جوڀن جون،
کهڙو ويلو هئو! دل اڪيلي هئي.

مان ٻه سهٽيءَ جيان لُڙهيو آهيان،
ياڳ پيلو هئو، دل اڪيلي هئي.

ڪالهه پِٽ تي ڏنم فقيرن ۾،
هُو ڳهيلو هئو، دل اڪيلي هئي.

•••

دردَ ڳوڙها ڇڏي ويا آهن،
حادثا ڇا ڇڏي ويا آهن.

پيڙ، ميلي ۾ ياڄ پئي آهي،
ماٺو رشتا ڇڏي ويا آهن.

ڪا بہ مُورت نہ ٿي سُجهي تَر ۾،
سيئي پاڇا ڇڏي ويا آهن.

منهنجا ساٿي سفر ۾ هئا جيڪي،
مون کي تنها ڇڏي ويا آهن.

سڀ مصور اُداس ڪاڳر تي،
چار ليڪا ڇڏي ويا آهن.

هُن سان ملندو رهان هان جيڪر مان،
سال ويچا ڇڏي ويا آهن.

چنڊ تنها، اُداس جوڳي آ،
جنهن کي پنهنجا ڇڏي ويا آهن.

•••

چڻ ڪوي اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي ،
جيئن پکي اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

هيءُ هُن جي ئي رَئي جو آ پلئه ،
نارنگي اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

هي پکي بلبن جي ئي اج آسري ،
چانڊني! اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

روح منهنجو سرحدون اج سپ ٽپي ،
شاعري! اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

آهه بادل جو بہ مون جهڙو نصيب ،
اوسڪي! اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

ٻار جي هٿ مان ڇڏايل هي لغڙ ،
ڪا گهڙي اُڏندو رهي ٿو سمنڊ تي.

●●●

حسين گل جون نفيس پنکڙيون، هتن تي هلڪا حِنا جا ليڪ
جوان موسم جا هيءَ جلوا، ڏسن ٿا چا چا حِنا جا ليڪ

اکيون بہ ڪاريون بنا ڪجل جي، وشال ڪاڪُل گهٽائون گهريو
ڇپن جي موسم مساڳ جهڙي، حسين جلوا حِنا جا ليڪ

محبتن کي وساريون جي، گناهہ دل کان اهو نہ ٿينا
ڊهي نہ سگهندا اسان جي دل تان، اوهان جي ناهيا حِنا جا ليڪ

حيات جا فلسفا ٿا چيڙن، ممات جون ٿا پڇن ڪٿائ
اوهان جي پانهن سندا هي ڪنگڻ، هتن تي گهرا حِنا جا ليڪ

گناهہ جهڙن پلن ۾ پويل، ثواب جهڙيون اوهان جون مرڪ
اوهان جي چپڙن جا عڪس ۽ هي رکن ٿا معنيٰ حِنا جا ..

•••

ندي ساڳي اهو ٻيڙيءَ جو منظر ساڳيو آهي،
اکيون سي ڪاميٽيءَ جون ۽ مصور ساڳيو آهي.

تيڻ لئه گل پرين گهرجي ٿي مکڙيءَ کي گهٽي مُدت!
توهان جي مُرڪ کي پيي سو تصور ساڳيو آهي.

درازا جي گهٽين ۾ تو سچل ڳائي پيو سُنگ ۾،
سندس نيڻن ۾ ۽ امبر تي دلبر ساڳيو آهي.

نچن ٿا ناد تي جوڳي، آهن جي ويس گيڙوءَ ۾،
پرين هر فرد جي اندر قلندر ساڳيو آهي.

مسافر جو بہ گذريو ڪاڪ مان سو خاڪ تي ويو آ،
مٽيءَ جي مان ۾ اج پيي سو جوهر ساڳيو آهي.

•••

ڪنهن دلاسي نہ دل کي بچايو پرين،
پيار آويءَ ۾ پُوري پچايو پرين.

عشق آهن نيون کي پناهون گهريون،
راڳ ۾ روح آ ڪنهن رچايو پرين.

پيار پيرن ۾ پنهنجي هي گهنگهرو ٻڌا،
نينهن ناچوءَ جيان آ نچايو پرين.

آ وري ٿر تي برسات ڪيڏي وڻي،
مُند موتي آ ميلا مچايو پرين.

●●●

ڏات پنهنجي مثالن ۾ گم ٿي وئي،
تنهنجي بوليءَ ۾، والن ۾ گم ٿي وئي.

عاشقي پانهنجي نيت تي درپدر،
حُسن جي ئي حوالن ۾ گم ٿي وئي.

دل انهيءَ کي ٿي ماضيءَ مان ڳولڻ گهري،
جيڪا تاريخ تالن ۾ گم ٿي وئي.

درد تو تائين پنهنجو نه پهچي سگهيو،
شاعري ئي رسالن ۾ گم ٿي وئي.

شاعريءَ جا ته ديوان پرجي ويا،
پر جواني خيالن ۾ گم ٿي وئي.

•••

پريـــن بيـــراڳ ۾ تنهنجـــا ســـوين ســـنگيت ڳاياســـي ،
خزانـــا حســـن تنهنجـــي جـــا ، ســـرِ- بـــازر لٽاياســـي.

اهـي ڦـورو ڦـري ويـا جـي سـندم دل راهـ رسـتي ۾ ،
پريـن گم ٿـي ويـل دل سـان سـيئي غـم پـي وراياسـي.

ڇيو سي دل جي صحرا ۾ پرين ڪيئن تون رهي سگهندين!
اســان ان ريــگزاريءَ ۾ تـــ ڪيئـــي غـــم ڇپاياســـي.

هيا جي غير پر پنهنجن ڪان پـي پنهنجا لڳا مـون کـي ،
اهـــي جـــي درد ۾ هـــر مـــوڙ تـــي تـــي آزماياســـي.

زمـاني جـي لڳـي نوڪـر حسـينن نيـڻ ڦيريـا جـو ،
گلين ۾ رقـص ڪيـو سـين ۽ غمـن جـا رنـگ لڳاياسـي.

•••

اوهان جو درد دل اندر، ستل پڪار جيان هيو،
اسان جي گيت جو ردم تڏهن ستار جيان هيو.

اسان جي دل جو ديپ پي دکي دکي اُجهي ويو،
سڄو سماج ئي جڏهن قتل مزار جيان هيو.

نہ چاهہ هئو، نہ دوستي، نہ دل لڳي هئي پرين،
اسان اوهان جو واسطو تہ اعتبار جيان هيو.

نہ جنهن کي موت پي پرين! هئو مات ڏئي سگهيو ڪڏهن،
سو قافلو ئي جڻ تہ ڪنهن ڏکي قطار جيان هيو.

نہ چين چنڊ مان مليو، نہ سونهن مان سکون ڪو،
نصيب نند جو بہ ڪنهن، پرين ڏڪار جيان هيو.

هي جو گهٽين ۾ ڀٽڪندو هو رات رات جو سدا،
اسان جو روح ئي سڄڻ سو بيقرار جيان هيو.

●●●

تو بيڪڙي ڇڏيو در ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي ،
گهر ڪان ئي تورو ٻاهر ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي.

مُرليءَ سان من پنهنجو هُن ايئن هيو ملايو ،
جاڳي پيو سو جوهر ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي.

ڪيڏيون سپون سجايل ، ڪوڏن ۾ ڪئي ڪنارا ،
ڏسندو رهيو سمندر ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي.

ڍارا ٻه ڇڻ سمهي پيا ، تيلهي ۾ روڊ پرسان ،
ماٿهن جي هٿ ۾ پٿر ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي.

ڦاڙي ڇڏيئين وڏا سپ جي نوٽ هئس هٿن ۾ ،
اُڏندا رهيا سي ڪاڳر ، جوڳيءَ کي ننڊ اچي وئي.

•••

پرين هن تنهنجي محفل مان، هي ديوانا هلياويندا،
وسامي وئي اها شمع، تہ پروانا هليا ويندا.

اسان ويا سين ڳليون تنهنجون پسيون لڳنديون رقيبن کي،
اسان سان گڏ اسان جا سڀئي افسانا هليا ويندا.

اوهان سان ئي آهن منسوب، پنهنجا سڀ غزل سائين!
سمورا لفظ تي چپ ۽ ڇڏي معنيٰ هليا ويندا.

پرين اڄ تون نہ ٿو جن کي، پري سُرڪيون اگرپيارين،
ويا جي مست پوءِ تنهنجا، تہ مئخانا هليا ويندا.

محبت جون نشانيون ڪي بہ تي هن يار جون باقي،
پرين جهريل هي جهوپي جا ڇڏي ڪانا هليا ويندا.

●●●

نہ تي سگهيو پرين اچان، هي روح ڪو ستار آ،
نفيس گيت پيار جو، اچان بہ بيقرار آ.

اچان ڪلي نہ ناچڻي، اچان چڙي نہ راڳڻي،
اچان تہ مات جو سمنڊ، حسين مُشڪبار آ.

هو مورتيءَ مٿان وڍيون، چتر هٿن جون آڱريون،
پٿر جي پور پور ۾، تڏهن تہ هي نکار آ.

ڪڏهن بہ پاڻ زندگيءَ ڪان هار ڪونہ آ ميجي،
مصيبتن جون موسمون، ۽ ڏيهہ تي ڏڪار آ.

•••

پريــن هــن شــهر تنهنجــي ۾ نمــاڻي دل اســان جــي آ،
حُــسن تنهنجــي اڳيــان هرهــر اگهــاڻي دل اســان جــي آ.

حسين - ڪافر پتنگو آ، چــڏيئين ايئــن پــاڻ شمــع تــي،
وئــي ســا لاٽ ئــي لچڪــي، اُجهــاڻي دل اســان جــي آ.

صُــــراحيءَ جــي صدائــن تــي سمــوري هــي خدائــي ۽،
پــري هــن بــزم ۾ ســائين! وڪــاڻي دل اســان جــي آ.

نــ جيڪــا لفــظ ۾ لڪجــي، نــ جيڪــا بحــر ۾ مــاپي،
محبــت جــي قصــي جهــڙي ڪهــاڻي دل اســان جــي آ.

نہ ڪي سهڻي، نہ ڪي سسئي، نہ ئي مومــل جــي مــاڻي جيئــن،
فقــط نــوري نگــاهن جيئــن، نمــاڻي دل اســان جــي آ.

•••

هُن هتن سان جهلي جيڪا جهولي هئي،
سا ڇڏائي وئي پهرين ڇولي هئي.

قيد منهنجي جو تون ڇا تصور ڪندين،
جون وانگر جليل منهنجي ڪولي هئي.

ڪلهه سچل! آب - ڪوثر سان پريل ڏٺم،
شعر تنهنجي ۾ جيڪا گهڙولي هئي.

تون نه آئينءَ ملڻ ڇو ڇري ڇوڪري!
منڊ آئي وري جو سرولي هئي.

هونءَ ته آهي ڪندن جو ڏکيو هي سفر،
رات پر ڏات جي آئي ڏولي هئي.

•••

پرين هر گيان کان اڳتي ڏناسين پير تي تنهنجا ،
تتل شمشان کان اڳتي، ڏناسين پير تي تنهنجا.

حياتيءَ کي مليا صدما ، ڪئين دوکا ۽ نوڪر ،
ڍنل نيشان کان اڳتي، ڏناسين پير تي تنهنجا.

اُتان تنهنجو سفر ٿئي ٿو، جتان رستا کُٽن ٿا سڀ ،
پرين امڪان کان اڳتي، ڏناسين پير تي تنهنجا.

جتي دل وجد ۾ جهومي ، جلي واپس وري آهي ،
انهيءَ وجدان کان اڳتي، ڏناسين پير تي تنهنجا.

حياتيءَ کان ٽپي اڳتي، مماتيءَ ۾ هليو ويو آن ،
عجب عرفان کان اڳتي، ڏناسين پير تي تنهنجا.

•••

ٽٽـــي ويـــو ســـاز هســـتيءَ جـــو،
ڏنـــو ســـين راز هســـتيءَ جـــو.

پراڻـــي ڍاهـــي هســـتي ٽـــو،
نئـــون انـــداز هســـتيءَ جـــو.

خـــدا هـــاڻي رهيـــو ڪـــٿ آ،
پريـــن! همـــراز هســـتيءَ جـــو.

لـــُڏي هســـتي وئـــي آهـــي،
بـــُڌم آواز هســـتيءَ جـــو.

ڏنـــم تنهنجـــي اکيـــن ۾ ئـــي،
پريـــن! هـــر نـــاز هســـتيءَ جـــو.

●●●

حسين شاخ تان پرين، جڏهن بهار ويو هليو،
حيات جي ثبات مان اعتبار ويو هليو.

اوهان جو مئڪدو ڇڏي هليا ويئو اي دوستو!
اسان جي سرد جام مان سچو خمار ويو هليو.

نہ رُوپ سو نہ رنگ سو، نہ ئي اداءِ جو معجزو،
اوهان جي حُسن جو سچو، پرين! نکار ويو هليو.

هن دوستيءَ جي پرم ۾، ڇا ڇا نہ آ ڇڏي ڏنو،
اسان جي دل تان اوچتو، سچو غبار ويو هليو.

اوهان جي روح ۾ پلا ڪا ياد ان جي ٿي رهي،
اوهان جي راهہ ۾ سچڻ، جو ٿي نثار ويو هليو.

•••

مون شعر لکيا جيڪي، سڀ ذات ڏني توکي،
۽ حُسن ڏسي تنهنجو، جذبات ڏني توکي.

مون ڏينهن لٽايا سڀ، اونداهه ٿيون راتيون،
مون عمر لٽائي جو، هڪ رات ڏني توکي.

فنڪار چلي هٿڙا، صُورت ڪي ڪيو پورو،
قدرت تہ ٽتل پٿرا هئي مات ڏني توکي.

تو ڪيئن اکيون ڦيريون، سو شخص نہ هئو پاڳل،
جنهن ديد ڏئي پنهنجي، درجات ڏني توکي.

چاهت تي نہ ڏي فتويٰ، اي پٿر جي مورت!
مون پياس ڏني توکي، مون تات ڏني توکي.

●●●

ڳـل تـان جـي ڪريـو ، ڪـو بـہ ڳوڙهـو هيـو ،
يـــاد آيـــو اوهـــان جـــو وڇـــوڙو هيـــو.

درد جـــي ذات يـــا ڪـــو قبيلـــو نـــہ آ ،
درد جـــو ڪـــو بـــہ پـــاڙو نـــہ اوڙو هيـــو.

منهنجـي ننـديڻ ۾ پـارن جـون رانديـون هيـون ،
منهنجـي مـاضيءَ ۾ ڪـاني جـو گهـوڙو هيـو.

پـاڻ جاتـان لنگهـي هئـي محبـت ڪئـي ،
لنگهـہ لنگهـہ تـي ڏنـم ، اڄ تـہ لوڙهـو هيـو.

هئـــو تصـــور ۾ تـــارن ڀريـــو آسمـــان ،
۽ انهـيءَ تـي هنجـن جـو ڪـو جـوڙو هيـو.

درد آيـــو هئـــو منهنجـــي گواهـــي ڏيـــڻ ،
۽ وڏي عمـــر هئـــس ، ڪيـــڏو پوڙهـــو هيـــو.

•••

ماٺھو وتن ٿا ڀٽڪندا، ڦٽ - ڀاٽ جي تصوير ۾،
تو سڄ لهي تقدير جو، حالات جي تصوير ۾.

ڪجھ ٻار ڊوڙن ٿا پيا، آ يِٽ آلي ڳوٺ جي،
ٿيون اُپ تان ڪڪريون وسن، برسات جي تصوير ۾.

آليون ڇڳون وئشيا سنديون، لُڙڪن ڀُسائي هِن ڇڏيون،
سؤ ڏک پلجن ٿا پيا، هڪ رات جي تصوير ۾.

ڪيڏيون اکيون ڳوڙها ۽ سپنا ٽٽل ٽڪرا پرين،
مون ڏک ڪيڏا هِن ڏنا، هن ذات جي تصوير ۾.

•••

سوئي لمحو سزا نہ ٿيندو آ،
هو جي دل کان جدا نہ ٿيندو آ.

با وفا، بي وفا تہ ٿي ٿو سگهي،
بي وفا، با وفا نہ ٿيندو آ.

محفلِ حُسن ۾ اهو مفلس!
جنهن جو سجدو ادا نہ ٿيندو آ.

مون سان مُرڪي آ پوءِ بہ ملندو هوُ،
ڪوڙي واعدو وفا نہ ٿيندو آ.

چيم "چو بيوفا ٿئين؟" تہ چيئين:
"هيءَ دنيا آ چا نہ ٿيندو آ."

•••

آنءُ چنڊ کان پڇان پيو هن جو "هوءَ ستل آ يا مون کي ساري ٿي؟"
آنءُ سنڌوءَ جي هِن ڪناري هان، هوءَ آهي جو هُن ڪناري ٿي.

بند آ مئڪدو بہ ساقيءَ جو، ڪيڏو سنسان شهر سارو آ،
وقت ويران گهر جيان آهي، دل گهٽيءَ ۾ ٿي جڻ سمهاري ٿي.

شور پارن سان گڏ ستل آهي، هڪڙو ڏيئو بري ٿو جاري ۾،
آهي سهڻو سمونڊ سوچن جو، هوءَ پيڙي جهلي نهاري ٿي.

ياد ايندي آ بي وفا وانگر، ذات پرچي پئي ٿي ساوڻ ۾،
هي بہ ڪوئل جي ڪُوڪ جيان آهي تات منهنجيءَ ڪي جا جياري ٿي

ڪهڪشائن جو قافلو هئس مان، نيٺ ڪريو هان هيٺ واريءَ تي،
آنءُ ڪوئي ٽٽل ستارو هان، هوءَ روئي مون کي پُڪاري ٿي

●●●

ياسين پيار سان گڏ تي، گلون پٽ تي ويون رهجي،
سان سان عشق هو تنهنجو، اکيون پٽ تي ويون رهجي.

ستارن کي لتاڙي وئي، اسان جي ذات خيالن ۾،
رائي کنڌ جاچيو سي، ڪتيون پٽ تي ويون رهجي.

ذهن هوءَ ياد آئي تي، ته جاڳيو عشق واهڻ جو،
سان در گوٺ جا ساريا، دريون پٽ تي ويون رهجي.

رن ۾ تاڪ ڳولينديون، وهي وئي عمر واريءَ جيان،
ياتي وئي هلي اڳتي، پٽون پٽ تي ويون رهجي.

ن لئه چانوَ پي جيڪا، ملي اُت دل پئي ترسي،
فر ۾ تنڪ هليو گڏجي، گهڙيون پٽ تي ويون رهجي.

جو ڪو پتو ناهي، گلن جي ڪا خبر ناهي،
اڳتي هلي وئي آ، چميون پٽ تي ويون رهجي.

●●●

چالئہ سماج تو ۾، هر پل پيو ڪڙهان ٿو،
تيزاب ڇڻ تہ تون آن، مان سون جيئن سڙان ٿو.

جيڪا نہ ٿي سگهي آ، پوري ڪڏهن خواهش،
تڪميل لاءِ تنهن جي، اونداهہ سان وڙهان ٿو.

جا ٿي پياس پاڻي ناهي سگهيو اُجهائي،
تارُو بہ ناهيان تڏهين، اُن گهاٽ تان گهڙان ٿو.

هاڻي نہ هيءَ خوشبوءِ مون ۾ سمائجي ٿي،
مان سُج جي نگر ۾، رابيل جيئن ڪِڙان ٿو.

جوڳيءَ جو روح هاڻي رڻ سان رَچي ويو آ،
نانگڻ مُندي ڇڏيو آ، ڳوڙهن جيان ڳڙان ٿو.

•••

اسان چُمي هئي متي، شهيد جي بدن جيان،
نئي شهر جي هر گهٽي، شهيد جي بدن جيان!

هئي اُماس رات پر، بٽيو هو چنڊ معجزو،
سڄي هئي پرٿوي چٽي، شهيد جي بدن جيان!

اسان جي چاهنا به ايئن، زمين ۾ رچي سُتي،
سماج سان ڪري ڪٽي، شهيد جي بدن جيان!

تڙپ جي انتها ٽپي، پوءِ ڏات آهي پرچندي،
جڏهن به مون ڪا سٽ سٽي، شهيد جي بدن جيان!

هو سج هئو سسي وڍيل ۽ خون هئي شفق ٻٽيل،
مون شام "جهوڪ" جي ڏٺي، شهيد جي بدن جيان!

•••

سڪون پل لاءِ آڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏينهن جيئون ٿا،
ڏکن کي مٽ ڇاڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏينهن جيئون ٿا.

ٻٽي دل هي اسان جي آ، پرين هاڻي ٿنل ڪٿ جيان،
هو پوڙهو جهور واڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏينهن جيئون ٿا.

هي مکڙيءَ جي مهڪ جي ٿا تبسم کي ڇئون خوشبوءِ،
اسان کي گل سجاڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏينهن جيئون ٿا.

اسان جو روح آ، سيءُ ڳوٺ جي ڳيرو جيان سادو،
نہ جو هي ڪجهه بہ ڄاڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏبنهن جيئون ٿا.

ندوري شهر سان شڪوو، ٿنل چاهت سندو ڪهڙو!
پرين! هر "پل" پلاڻي ٿو، تڏهن ڪجهه ڏينهن جيئون ٿا.

•••

# نظم

## هي مُولسرين تي ماڪ - ڦڙا!

هي مُولسرين تي ماڪ ڦڙا ،
ڪو نُور نئون برسائن ٿا ،
۽ پنهنجي اُڏري پاڇي تي ،
ڪو گيت اڏورو ڳائن ٿا.

جو گيت ازل کان ڇولين جي ،
آوازن تي لهرائي ٿو ،
جو گيت ڪوي ڪو آڏيءَ جو ،
بيچين چپن سان ڳائي ٿو.

هي گيت هزارين سالن کان ،
آهي بـ تـ ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ ،
اڄ ڪيڏا ڦول ڦٽا تنهن مان ،
۽ رنگ نهيا هن هوليءَ ۾.

هي گيت آ جنهن جي ڌارا تي ،
تي ول ول ۾ پئي ڊاڪ ڦٽي ،
مان جاڳي تنهن پل شعر لکان ،
تي جنهن پل پيئي ٻاڪ ڦٽي.

ان ڪان بہ پرين ٿورو اڳ ۾،
جو چوڪيدار ستا آهن،
ان ڪان بہ پرين ٿورو اڳ ۾،
جو سڀ سنسار ستا آهن.

مان پين ڪِٽي ۽ ڪاغذ پي،
جو بالڪُنيءَ ۾ نڪران ٿو،
تنهن وقت انڌاري منجهہ ڏسان،
ٻاهر تہ نہ آهي آدم ڪو.

مان موٽان ٿو جيئن ڪمري ۾،
ڪجهہ تارا جهاتيون پائن ٿا،
۽ مُولسرين تي ماڪ ڦڙا،
ڪو گيت اڌورو ڳائن ٿا.

# سودو سزا جو سستو!

دل جي دڪانداري! سودو سزا جو سستو،
سامهون آ هيءَ وادي جنهن جو طويل رستو،
بيا پي ڪي باغ آهن، ساوڻ جو آ سپنو،
ٻارن جي، ذائقو آ زيتون جو ڳلن تي،
نيريون اکيون سين جون صوفن تي سانت جهڙيون،
حيرت انهن تي آهي هرڻيءَ جي حرڪتن جي،
خاموشيون پکين جي آواز ۾ لڪي ويون،
وڻ ئي تہ سيئي ساوا چانئون ڏئي رهيا هن،
ڪيڏيون اتي گلهريون آهن وڻن تي گويا،
ڊاکن جي ول وانگر شاخون ڊڪي وڃن ٿيون،
ناريل جي سفيدي عورت جي ڇڻ ڪرائي،
آڙو ڳلن تي پوڪيل بوليءَ ۾ لال مٺيو،
سياح ٿڪ سفر جو ڪاغان ۾ ٿو لاهي،
بستر بہ پيو ٿو لاهي خيمو بہ پيو ٿو لاهي،
چشمو وهي ٿو پرسان بدڪون تري وڃن ٿيون،
پاڻيءَ جي سرسراهٽ پٿر مان ٿي اتي پئي،
"آواز عورتن جا! چشمي وڏائي مستي،"
رنگين گل گگهن جا تارن جي آ ترائي،
تن تي انيڪ ڪاوا جن جي حسين پرائي،
چانڊاڻ ۾ چٽيو آ ڪيڏو طويل رستو،
دل جي دڪانداري سودو سزا جو سستو!

## جوڳي حسين آهي!

موسم جا هي اشارا،
ڏس ڇا چون ٿا پارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي.

هي گيت توريي جا ۽ سانت سرنهن واري،
ڪوئي پکي پياسو، سامهون هي ريگزاري،
پارا ٻـڌي رهيو آ، خوابن ۾ ڪوئي هاري،
آڪاش جي اُداسي، چپ چپ ۾ هي ستارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

جلوا ۽ جلترنگ هي پايل جي هيءَ ڇمڇم،
پورب جي هنج ۾ ڪو جلوو ڪري ٿو سرگم،
آڪاش جا اشارا ٿي برسندو آ آگم،
جن کي ڏسي پيو جڳ وٽندڙ اهي نظارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

خاموش ديوتا هي چپ چاپ آهي مندر،
ان سامهون ڪڙو ڪو آهي جسم سمندر،
جنهن ۾ ڪا ڪلپنا آ جڻ روح جي به اندر،
هن لاءِ وڃن پيا ٿا بيا پيي ته گردوارا،
سيئي چئي رهيا هن،

جوڳي حسين آهي!
آهي حسين جيون توڙي جو آ اُڌارو،
ڪوئي تہ چپ هيئان ڏسندو رهيو نظارو،
پنهنجي لڪيءَ جي لُڪ ۾ ڪُولهي رُلي پيو ڪارو،
پريان جتڻ اچي پئي ان جي متي تي ڪارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

پربت جون چوٽيون هي ڪاري ڪپڙ جون لامون،
جوهيءَ جي جهڪ ساري ڪاڇي جون هيءُ شامون،
ميلاپ جا مرحلا راڻن جو هي رسامون،
نوريءَ جا ڄام نخرا، ڪينجهر جا ٻئي ڪنارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

ڏسندا رهن ٿا سيئي ليمن جو باغ سائو،
صحرا جو رنگ ريٽو آڪاش ڇڻ تہ ڪائو،
نڪري عبادتن مان ٻاهر اچي ويو ٻائو،
هن جي ٻڌي اچڻ جو مهڪي پيا منارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

سامهون اچي رهيو آ هو سانورو صحن ۾،
مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ناهي جيڪي وڇايان ڇن ۾،
خوشبوءِ وڌي وئي آ گلڙن جي پن پن ۾،
اُپ مان عطر جا گويا برسي پيا ڦهارا،
سيئي چئي رهيا هن،

جوڳي حسين آهي!
گيڙوءَ ويس ۾ هو آهن سيئي گهتائون،
ڀنيا هي وار ڪارا چوڙي ڇڏيل جتائون،
هن جي ئي لوڏ سان ٿيون تر تي لڳن هوائون،
مهڪي پون ٿيون ڀنيون مارو ٿا ڪن گذارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

"رحمت" لکي نہ سگهيو ان رُخ تي ڪا رُباعي،
جنهن جي اکين ۾ اونهي آ ڪائنات ڪائي،
جنهن جي جُبي ۾ ويڙهيل آهي سڄي خدائي،
جنهن جي ڪنگڻ ۾ قابو سانوڻ، سرءُ، سيارا،
سيئي چئي رهيا هن،
جوڳي حسين آهي!

# اڄوڪي سنڌ جو منظر!

لٿيل آ قافلو دل جو،
گهٽيل هن موسمون سيئي،
اڄوڪي سنڌ جو منظر،
پڇين ٿا تو اسان کان تون؟
نديءَ جي هن ڪناري تي،
مصور مورَ پيو ناهي،
مگر نيٽن ۾ واريءَ جا،
سمنڊ هن ڪي سمايل هن،
پکي ماري مڇي موٽيو،
انهيءَ جي لوڏ سونهي ٿي،
غلامن جو ڏکهو پيڙو؛
سمنڊ جي جڻ صدا آهي،
جبل جي پيٽ مان سنهڙو،
نئون رستو نهي ٿو پيو،
ٿڪل مزدور سپني ۾،
پٿر تي ئي ستل آهي،
ملنگ هن ديس جا ماٺهو،
پين ٿا بُڪ ۾ پاڻي،
ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ ٿي،
مڇي ناندن مٿان ترجي،
نظم عنوان ڏئي ٿو پيو،
کهاڻي ڪو نه ٿي سگهندو،
رڳو آغاز ٿا ڏٿڪن،
پڄاڻي ڪو نه ٿي سگهندو.

## هر منظر ۾ سمنڊ سڏي ٿو!

تصويرون خاموش پيون هن،
درد رنگن ۾ رهجي ويو آ،
ڪنهن ماڻهوءَ جي ڏک جو منظر،
زرد رنگن ۾ رهجي ويو آ.

ڪليل ڪڙڪيون هن چوڏاري،
جڻ تن ۾ تصويرون آهن،
هر منظر ۾ سمنڊ سڏي ٿو،
ان ۾ ڪيئي ويرون آهن.

هر منظر ۾ هڪڙي عورت،
۽ پيون ڪئي ڏارائون آهن،
هر منظر ۾ تاڪ مجهند آ،
۽ ڪي چپ جون ڇائون آهن.

هر منظر ۾ اوڻي آهن،
۽ ڪي تن سان ٽوڏا آهن،
هر منظر ۾ چپ بہ آهن،
ليڪن ڇوڏا ڇوڏا آهن،

هر منظر ۾ قصا آهن،
۽ ڪائي تاريخ رهي ٿي،
هر منظر ۾ مرده - خانو
جنهن ۾ زنده چيخ رهي ٿي.

هر منظر ۾ يادون آهن،
۽ جهنگل جو رقص رهي ٿو،
هر منظر ۾ ڪيئي چهرا،
پر هو هڪڙو شخص رهي ٿو.

## رات تہ ھن جي نيري پوتي!

شاخ وھي ٿي شام شفق ۾،
ڪيڏا رنگ وکيريا آھن،
پريان ھو جا نار اچي ٿي،
جنھن جي سر تي ٻھڙو آھي،
ڏاڙھونءَ ۾ گل پيي ٿيندا پر،
ڏاڙھون خود گل جھڙو آھي.
سرد سپن جيئن پاپي اکڙيون،
ھن کي روز تکن ٿيون وينيون،
ھن جي سرمائي انگيءَ ۾،
آڙو جڻ چورايل آھن.
بولي بيشڪ سھڻي آھي،
پر ڪي سھڻا پايل آھن،
جن جي ڇنن ڇنن جي ڌن تي،
ڳوٺ سمورو رقص ڪري ٿو.
شاخ وھي ٿي ڊاک ولين مان،
ھن جا چپ ڦٽي پيا آھن،
رات تہ ھن جي نيري پوتي!
جنھن ۾ تارن جا تجلا ھن،
سرد سياري منجھہ انھيءَ جو،
نُور نسورو ڏاسي آھي،
پر ھن پنھنجي تر ۾ ڪنھن لئہ،
جنمي ڪو نہ اُداسي آھي.

## ڪهڙي ڏک جو نالو پڇين ٿي؟

ڪهڙي ڏک جو نالو پڇين ٿي!
اڄ ڪنهن ڪنهن جو در ڪڙڪايون،
ڪهڙي ڏک جو ساز ڪٽون ۽
ڪهڙي غم جو نغمو ڳايون.

ڪهڙي هئي پوڄا جي ڪڙڪي،
ڪهڙو هئو ڏک جو دروازو،
ڪهڙو آهي درد پراڻو،
ڪهڙو غم مليو آ تازو.

ڪهڙي ڏک جو نالو نه ڪوئي،
ڪهڙي ڏک جا سؤ بهانا،
ڪهڙي ڏک ۾ ناهه ڪهاڻي،
ڪهڙي ڏک جا سؤ افسانا.

ڪهڙي ڏک جو نيزو دل ۾،
سڀ کان اونهون گهرو آهي،
ڪهڙي ڏک تي ڪتبو آهي،
ڪهڙي ڏک تي پهرو آهي.

کهڙي کهڙي ڏُک اسان کي،
دنيا جو دستور ٻڌايو،
کهڙي کهڙي ماڻهو "هن" جو،
ڏس اسان کي ڏور ٻڌايو.

توسان پر اي منهنجي ڪوتا!
اڳ ڪو ڏک منسوب نه آهي،
تڏهين دل تي چاهيو توکي،
دل جو سارو سُور ٻڌائي.

ڪوشش پنهنجي آهي پو يي،
تو ۾ پنهنجا لُڙڪ لڪايون،
کهڙي ڏُک جو نانءُ پڇين ٿي؟
اڄ ڪنهن ڪنهن جو در ڪڙڪايون؟

# دلين جي بازار ۾!

دلين جي بازار ۾ ، وڪر وڪجن ٿا ،
ماڻهو منجهن ٿا ، اکر وڪجن ٿا .
چهرا گم ٿي ويل ، پاڇا ڳولن ٿا ،
نيڻن ڪي پنهنجا ، سپنا ڳولن ٿا .
دلين جي بازار مان ، ماڻهي موٽي ويا ،
خوشبوءِ جا هوڪا ، خالي موٽي ويا .
نوٽن جي قيمت ، ماڻهو ڇا ڄاڻن!
جوتن جي جوڙي ، چمڪي ڪيڏو ٿي!
خوابن کان ٻاهر ، ڪڙڪي ناهي ڪا ،
چهرن جي چاندي ، ٽڪن تي چمڪي ،
ٻارن جا ڪپڙا ، پيهر وٺنداسي .
مون لئه هي مفلر ، مهنگو آ ڏاڍو ،
دلين جي بازار ۾ ، ماڻهن جون ڳالهيون .
چهرن جا تاڪيا ، عورت جون سڳيون .
مينديءَ جي خوشبوءِ ، ٻارن جا جوتا ،
ڪاغذ جون پيڙيون ، مٽيءَ جا گهگهڙا ،
رنگن جون پوتيون ، پوتين تي پلڙا .
ڪاني جو گهوڙو ، ٻارن جي سائيڪل .
مٽيا وڪجن ٿا ، پايل ٿي وڪجي ،
منڊيون وڪجن ٿيون ، هار به وڪجن ٿا .
شوڪيس ۾ ڇڻ ، پيار به وڪجن ٿا .
سوچون وڪجن ٿيون ، سنسار به وڪجن ٿا ،
شور به آ ڪيڏو ، پر هن سيني ۾ ،
آهن خاموشيون ، هوڪا پيي آهن .
دلين جي بازار ۾ ، دوڪا پيي آهي .

# اُداسي دور تائين آ!

کلفتن جا خم - ڪاڪل،
جيان خمدار هي رستا،
خيابانن جي تختين تان،
نظر ترڪي رهي آهي!
اسان جي آس ڪنهن لاڙي،
حسينا جي اکين جهڙي،
ڏسي ٿي (سي - ويو) جي،
سرد راتين جو هي سناٽو!
فقط رنگين بتين جي،
خدائي آ بچي باقي.
نہ ڪو آدم رهيو آهي،
اجارين شاهراهن تي،
جو سگريٽن جي دونهين سان،
حياتيءَ جو ڏسي امڪان!
نہ ڪا ناري اها يورپ،
جي شهرن جي ئي شيدائي،
کلفتن جي گلين ۾ آ!
مگر هي رات جو وڳڙو،
اداسيءَ جا سوين عنوان،
ٿي وکري ويو آهي!
نظر ڪنهن هڪ نقطي جي،

پنيان ڊوڙي سگهي ناهي،
۽ وسڪيءَ جو پگهر هلڪو،
اسان جي بند گاڏيءَ جو،
پرمر باقي رکي ٿو پيو!
اُداسي دور ٿائين آ،
اسان جي روح ۾ شامل،
مگر ڪو درد آهي جو،
اڃان پورو ٿيو ناهي!
اڃان پورو ٿيو ناهي!

# دنيا جي ٻئي ڪناري!

پربت جي چوٽين تان ،
چشما وهي رهيا هن ،
ڪيڏا پکي ٿا ٻولن ،
ٻولي آ سڀ ڪي پنهنجي.
ليڪن سيئي وڻن ۾ ،
آهن ته پنهنجي رنگ ۾!
پٿريلي هن جبل تي ،
ساوڪ حسين آهي.
ليڪن اُداس آ دل ،
تون ڀي ته ڪو نه آهين ،
شهرن جي شور ۾ تون ،
گم ٿي ويل صدا جيئن!
آئون اُداس وينگس ،
دل ۾ اڏي جذيرو
ويندي هلي آهيان ڇڻ ،
دنيا جي ٻئي ڪناري!
تون جيسين يار موٽين ،
پربت جي پٿرن ۾ ،
۽ سَر وَ جي وڻن ۾ ،
چشمن جي پيچرن ۾ ،
آئون اُداس وينگس!
تولاءِ پئي تڪينديس ،
تولاءِ پئي تڪينديس!

# سڪڻ لئہ سٿ ڪافي آ!

لکڻ لئہ ڪيترو لکجي؟
سڪڻ لئہ سٿ ڪافي آ!
تصور جي مصور جي،
ڪجي دردن منجهان ڳولا،
محبت جو ڏکو رستو،
هلڻ اوکو آهي ان تي!
عذابن جي رفاقت تي،
سناٽو ساهہ ڪٽندو آ.
صدين جا تهہ چڙهيل آهن،
درين تي دز ڄميل آهي،
دلين جا حال ڇا ٿو چئين!
غلاميءَ جي عذابن جيئن،
سفر آ سرد رستن جو،
اڪيلائي ٻڌائي ٿي،
تہ چاهت ڪو ڪفر آهي،
جنهن جي ڪا نہ معافي آ،
سڪڻ لئہ سٿ ڪافي آ!

## هن جون بند اکيون اي يار!

ڪوهيڙي ۾ ڪير نچي پيو،
يڪتاري تي آلاپي پيو!
هُن جون بند اکيون اي يار!
هُن جون بند اکيون.

دنيا چاهي؟ مايا چاهي؟
روپ اروپ جي ڪايا چاهي،
بن پهرن جي ڇايا چاهي؟
سارو ٿي پيو لوڪ ڏڪار!
هُن جون بند اکيون اي يار!،

ديس اندر لاٻارا آهن،
هر ماڻهوءَ وٽ ڪارا آهن،
سڀ جا چهرا پيارا آهن،
آهون آهون آ بازار،
هُن جون بند اکيون اي يار!

پان سجايل ٿالهي چمڪي،
وئشيا جي تي والي چمڪي،
دنيا جي هرياليء چمڪي،
پر هو آهه سين ڪان ڏار!
هن جون بند اکيون اي يار!

پرڪا اهڙي ناري آهي،
جيڪا لوڪ ڏڪاري آهي،
سائي هن ڪي پياري آهي،
جنهن جي هن جي من ۾ سار!
هُن جون بند اکيون اي يار!

## ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي!

ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي،
سي يي پرين ويندا ڇڏي،
جيڪي اٿئي پيارا گهڻا،
سي يي پرين ويندا ڇڏي.

ڪيڏي نہ مون سان چاهہ ۾،
جي ڪالهہ هئا وڻ راهہ ۾،
وينا اچي گوڏو گڏي،
ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي.

توئي پريا هن جهول هي،
مون لئہ ڪندا انمول هي،
تون ئي ڪٿي گل ڪي ٻہ ڏي،
ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي.

هي ڪالهہ يي آيا ڪوي!
جن قول برسايا ڪئي،
جڳ کي ويا جيڪي اڏي،
ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي.

هن ڍنڍ تي ڪيڏا پکي،
ويندا آهن سپنا رکي،
پنهنجي وري جڳ ڏي لڏي،
ويندا ڇڏي، ويندا ڇڏي.

آهن اکيون هي ريس ۾،
تنهنجي سکي آسيس ۾،
هيکر اچين منهنجي تڏي،
ويندا چڏي، ويندا چڏي.

کجهه خواب آهن خول ۾،
دل جي نلهي کشکول ۾،
سي يي پرين هِن جيءَ - جڏي،
ويندا چڏي، ويندا چڏي.

جوين جواني کجهه نه آ،
موجن رواني کجهه نه آ،
کيڏو يلي کوئي پڏي،
ويندا چڏي، ويندا چڏي.

کو ساز آهي ساهه ۾،
جو رات جي اونداهه ۾،
مون کي پيو هر هر سڏي،
ويندا چڏي، ويندا چڏي.

# فاريسٽ آفيسر جي اڪيلائي!

اداسيءَ ۾ ڏِسو رستو،
گهٽو ويران ٿو ڀاسي،
ڏِسا وڻ چئوطرف چُپ ۾،
قلندر جيئن بيٺا هن!
انهن جي سرد سائي ۾،
سچڻ ڪو سوال آ شايد!
محبت ۽ عبادت ۾،
فرق ڪٿ ٿو ڪٿي آخر؟
پريان سفيد هو گهوڙو،
ولر ڪان ئي ڀڄل آهي!
جهنگل مان جيئن نڪتو آ،
لتاڙي ٿو پيو رستا!!
ڪجهيءَ جي پاڙ مان نڪري،
وڃي پيو نانگ هو ناسي،
انهيءَ جي ترڪٽي بُت جا،
سپيئي چٽ چمڪن ٿا!
مگر هي ڪير سوچي ٿو،
تہ هو فاريسٽ آفيسر،
جنهين جي زندگي ڏُک آ!
۽ سڀ پل اُداسي هن!!
اهو ڪنهن لاءِ ٿو پڇڪي؟
سياري جون ٿڌيون راتيون،
ڏِسو ٿس بوٽ پيي پاتل،
وڏي قد سان اچي ٿو پيو،
اڪيلي هن سڌي دڳ تي،
وڏا ٿس ڪوٽ جا ڪالر،

تڏي چانداڻ ۾ ان جي،
دُکي سگريٽ جو مُک ٿو!
گهڻو دونهون ڪڍي ٿو ۽
اُداسيءَ ۾ ٻُڏل آهي،
سمورو چنڊ لڪل آهي،
ڏکهن گهاٽن وڻن پويان!
سدائين سانوري وينگس،
سياري جي ڏکهين راتين،
۾ هن کي ياد ايندي آ!
اڪيلائي انهيءَ جي ياد،
کي هر هر سليندي آ!!
اهائي سانوري وينگس،
رکي جا ڪنڌ سُتي ڪڏهين،
سندس ڪُلهن تي ٽيڪي هئي.
جڏهن کان هوءَ جدائيءَ جا،
سوين ديوان ٿي وئي آ،
ته هن جي دل "پٿيءَ" جي باھ،
جيان جلندي رهي آهي.
ڪڏهن ان آڳ جي موسم،
تڏي ٿيندي نه ٿي ڏسجي،
مگر سياري جو سناٽو،
صفا شمشان ٿو ڀاسي،
اداسيءَ ۾ ڏکهو رستو،
گهڻو ويران ٿو ڀاسي!

: سڪرنڊ پرسان درياھ جي ڪناري تي ٻيلو ۽ شڪارگاھ جنهن جو نالو "پٿي آهي.)

# قلندر تنهنجي نگريءَ ۾!

قلندر تنهنجي نگريءَ ۾،
نچي ٿي ڇير پئي جيڪا،
انهيءَ ورلاپ ۾ شامل،
صدين جون ٿئي صدائون ڪي،
قلندر تنهنجي نگريءَ ۾!

قلندر تنهنجي نگريءَ ۾،
اِهو پوڙهو ٿري ٻاڻيو،
نچي ٿو ناد تنهنجي تي،
پُنيون توکي وفائون ڪي،
قلندر تنهنجي نگريءَ ۾!

قلندر تنهنجي نگريءَ ۾،
ايبچند جي شهر جي ڪا،
ندوري نار پي آهي،
ڪٿي آئي ادائون ڪي،
قلندر تنهنجي نگريءَ ۾!

قلندر تنهنجي نگريءَ ۾،
اسان جهڙا ٻه ديوانا،
پڙهي پنهنجون هي ڪوتائون،
ڪٿي آيا خطائون ڪي،
قلندر تنهنجي نگريءَ ۾!

# هائڪو نظم

ائين ڪير ڪنڌ لاڙي،
ڏسندو اي يار! مون ڏي،
جيئن تو ڏنو هئو تاڙي!

ائين ڪير وار چوڙي،
جيئن تون پرين! اسان جا،
ٻيڙا ٻڏيا هئا ٻوڙي!

ائين ڪنهن جا ڳل آهن،
جيئن تنهنجا ڳل ڇهٽيل،
مون ساڻ پل آهن!

ائين ڪنهن جي مُرڪ آهي،
جنهن ۾ نشي جي اوتيل،
ڪا سُرڪ سُرڪ آهي!

مهمان جيئن آئي،
رهجي وئي سدا لئه،
وچ تي مگر جدائي!

ايندس نه ٻانهن لوڏي،
تنهنجي ڳليءَ ۾ ٻيهر،
اي يار! هاڻ توڏي.

# دنيا آ بي - ثباتي!

تصوير جا ٻئي رُخ،
مون کي چئي رهيا هن،
دنيا آ بي-ثباتي!

سادو فريم هڪڙو،
جنهن مان حسين صورت،
وينگس ڏسي رهي آ!
هُن جون اکيون جذيرا،
هُن جي چپن تي آهي،
ڪو انڊلٺي تبسم،
هُن جي ڳلن جي تِر ۾،
دنيا جو حُسن آهي،
خمدار ذُلف هُن جا،
نانگن جيان نچن ٿا،
نيري بنديا نرڙ تي،
ساڙهي آ آسماني،
هوءَ آ زمين جي راڻي،
يا آسمان جي جواني!
تصوير جي ٻئي سامهون،
ديوار جي مٿان هڪ،
جا آرسي ٽنگيل آ،
تصوير جو ٻيو رُخ
اُن آرسيءَ ۾ آهي.

ٿوري هوا لڳي ٿي،
جيئن آرسي لڏي ٿي!
ارڏو شباب هُن جو،
ڏنڏلو ۽ ڀيانڪ،
ٿي سامهون اچي ٿو!
چپڙا ٻه هُن جا ڦِريل،
اکڙيون ٻه چڻ ته ٽيڏيون،
ڳلڙن جا چڪهه ڦِٽي ويل،
ذلفن جا ڀوت ڪارا،
گويا حسين ڏائڻ،
هُن جي لڳي جواني!
تصوير ۾ ٻه سائين!
ڪو عارضي حُسن آ،
۽ آرسي ٻه ڇا هي؟
پٿر ٻه جنهن کي ڪوئي،
ٽڪڙا ڪري سگهي ٿو!
هت دائمي نه آ ڪجهه،
دنيا آ بي - ثباتي.

# تون اچين ٿي پئي!

تون اچين ٿي پئي ،
آئون سمجهان ٿو!
پيرن جو کڙڪو ،
جُتي گسي ٿي ،
سپنا کسي ٿي !
دنيا کسي ٿي!
ٻاهر ساونڻ جي ،
بارش وسي ٿي ،
پنن تي آواز ،
آهي ڦڙين جو ،
تنهنجي ڪڙين جو!
تون اچين ٿي پئي ،
آئون سمجهان ٿو.

## "پيچري ۾ آڪاش پيو هئو!"

رات شرابيءَ جي اڳر ۾،
موت سندو جو رقص ٿيو هو،
تنهن تي فطرت ڏاڍو تڙپي،
چپ ٿي وئي هئي!
رات شرابيءَ جي اڳر ۾،
پيچرو ٻاهر رهجي ويو هو،
جنهن ۾ هڪڙو سهڻو پنڇي ڏاڍو ڦٿڪيو،
بسنت رُت جو پهريون وسڪارو جو ٿيو هو!
ڪڙ ڪڙ، ڪڙ ڪڙ بادل گرجيا،
ڇڻ ڇڻ، ڇڻ ڇڻ بوندون برسيون،
وچ سندي جڳ - مڳ جون ڇاٽون،
ڄڻ وڻ وڻ ۾ هيرا جرڪيا!!
ٿاريءَ ٿاريءَ تي ڄڻ گوپين،
ڪرشن جي ٻنسيءَ تي نچندي رقص ڪيو ٿي،
ڇت تي ڇڻ ڇڻ ڇڻ شرميلي پايل ڇرڪي،
ڇم ڇم ٿي وئي،
.... پر پيچري ۾ پياسو پنڇي ڏاڍو تڙپيو،
لُڇيو، ڦٿڪيو، ڪيرو ٿي ۽ ڪنبي ٿي ويو!
اڌيءَ رات جو ايئن لڳو ٿي،
درد جو شجرو اُڏري ويو آ،
پنڇي پٽ تي رهجي ويو آ،
ڄڻ هو پيچرو اُڏري ويو آ،
ڇو تہ هيو ارواح پکيءَ جو،
فطرت جي مالا ۾ پوئيل،
۽ پڻ شايد ساهہ پکيءَ جو،
فطرت جي مالا ۾ پوئيل،
پرهہ ڦٽيءَ جو پنڇين سا‌ريو،
هُن پکيءَ جو لاش پيو هئو!
پيچري ۾ آڪاش پيو هئو!!

## "گيت"

## "جوڀن جي رُت!"

ساز سنگيت سان ڀريل ترپيل،
وينگس جي تنهائي آهي!
جوڀن جي رت آئي آهي،
موسم ڳالهه ٻڌائي آهي.

صبح صبح سان اُتي ڪڏهن هوءَ ويهي ڏُڏُ ولوڙي ٿي،
ڪڏهن صبح سان اُٿي ڪِـليءَ مان ڇيليءَ کي ٿي ڇوڙي ٿي،
مرد ڏسي ڪيئن ڀڄي وڃي هوءَ پڳلي نڪ کي موڙي ٿي،
جڻ تہ پئي هوءَ ساري تَـرَ جون دليون پل پل روڙي ٿي،
ٽڪ اکيان شرمائي آهي،
جوڀن جي رت آئي آهي،
موسم ڳالهه ٻڌائي آهي.

رات جيئن ڇائيں هُـن اوڍي جڻ تہ ستارن جي آ پوتي،
چنڊ بہ پنهنجي چانڊوڪي آ ان جي مُـکڙي تي ئي اوتي،
ڪيئن تہ گهڙائي هُـن پاتو آ پنهنجي ٻـوليءَ ۾ هي موتي،
ساري تَـرَ ۾ ئي ڦهلي ان لال مٽئي جي آهي جوتي،
اُڻ تُـڻ جنهن تہ وڌائي آهي،
جوڀن جي رت آئي آهي،
موسم ڳالهه ٻڌائي آهي.

ڏاڏيءَ کي ياڪر ياڪر پائي ڄڻ هوءَ هڏڙن جو ٽڪ پيچي پئي،
ياٽج کي ايئن منيون ڏئي تي ڄڻ چپڙن جو ٽڪ پيچي پئي،
واٽر ڪڙ تي وتي سٽي هوءَ ڄڻ ڪپڙن جو ٽڪ پيچي پئي،
آرس ايئن ڪري تي گويا: هوءَ سپنن جو ٽڪ پيچي پئي،
پاڻ بہ ڪا انگڙائي آهي،
جوڀن جي رت آئي آهي،
موسم ڳالهہ ٻڌائي آهي.

پيءُ سندس سازندو آهي جنهن سرگم سان لئون لڳائي،
ڪو بہ نہ ماڀي سگهندو هن جي، جا بنسيءَ سان آ گهرائي،
ڇوري هُن ڪان رقص سکي تي، جنهن جي فطرت سان پنهنجائي،
هن جو انگ انگ رقص ڪري تو، جيئن جيئن طبلي تي لهرائي،
نمري ڄڻ ڪنهن ڳائي آهي،
جوڀن جي رت آئي آهي،
موسم ڳالهہ ٻڌائي آهي.

# "ڪُونج"

وڃي ٿي ڪونج پئي ٻئي پار،
اڪيلي اڏندي،
يار!
وڃي ٿي ڪونج پئي هُن پار.

پيا ٿا ٻولن سارا ڪيت، ٻُرن ٿا جهانگيئڙن جا ٻيت،
پيا ٿا هڪلن هاري ڄهار،
وڃي ٿي ڪونج پئي ٻئي پار.

انهن ۾ جوڳي ڳائي جوڳ، پري ٿو سٽ سٽ ۾ ڇڻ روڳ،
چوي ٿو آهه ٺلهو سنسار،
وڃي ٿي ڪونج پئي ٻئي پار.

ٻُڌي ڪنهن سُهڻي جي ٻچڪار، پريان ڪا هرڪي آئي نار،
ڪيل تس سورنهن ئي سينگار،
وڃي ٿي ڪونج پئي ٻئي پار.

وهي ٿو درد سندو مهراڻ، نه اُن سان پاڇو آهي ساڻ،
اڌورن سپنن جي آڌار،
وڃي ٿي ڪونج پئي ٻئي پار.

## "ايندي وري نيلم پري"

مون اڳ اهو سوچيو هئو،
ايندو جڏهن سامُهين سڄڻ، دل کو نہ رهندي هوش ۾!

مون اڳ اهو سوچيو هئو!
هوءَ آهہ منهنجي ياڪ ۾، پر آ مزو ويراڳ ۾،
ڪجهہ ننڊ ۾ ڪجهہ جاڳ ۾، پيو ديپ پرندو آڳ ۾،
بس دل هجي ان جوش ۾،
دل کو نہ رهندي هوش ۾!

مون اڳ اهو سوچيو هئو!
پيو ڳائجي ملهار کي، هن سارنگيءَ جي تار کي،
هوءَ ڍنڍ نيريءَ مان تري، ايندي وري نيلم پري،
لهندي اچي آغوش ۾،
دل کو نہ رهندي هوش ۾!

مون اڳ اهو سوچيو هئو!
ساڙهيون رُتن جون سؤ ڍڪي، پُونم چپن تي هوءَ مڪي،
۽ چنڊ جي بنديا هٽي، ويندي فرشتن کي وٺي،
ايندي جڏهن گُل - پوش ۾،
دل کو نہ رهندي هوش ۾!

مون اڳ اهو سوچيو هئو!
ڪيڏيون اکيون ناراض هن، مون سان سکيون ناراض هن،
سڀ ٿيون چون: ڇا ٿيو اٿئي؟ ڪنهن ڇا ڀلا ڪجهہ چيو اٿئي؟
ڪجهہ آهہ دل خاموش ۾،
دل کو نہ رهندي هوش ۾!

## "پينگهہ تي سانوڻ لڏي!"

ياد تنهنجي اچي جيئن سجني وئي،
پينگهہ تي ڄڻ تہ سارو پيو سانوڻ لُڏي!

پيار جي سيج سهڻي ڏکيو پر پهو،
پيار آهي بہ ڄڻ ڪوئي جهنگلي سهو،
ريت پر پريت جي هيئن آهي سکي،
ڪائي سيتا ستي تي سڙي تي پئي،
ريشمي رت تي روز راوڻ لُڏي،
پينگهہ تي ڄڻ تہ سارو پيو سانوڻ لُڏي!

پيار ۽ پريت آهي نئين هوڙ جيئن،
هي سنيالي رکڻ، سمنڊ ۾ ڪوڏ جيئن،
دل بچائي پرت جي پچائي وئين،
پوءِ تہ سانوڻ سڄو من ياوڻ ٿيو،
ڪيت قولار ۾ پيو سڄو ڄڻ لُڏي،
پينگهہ تي ڄڻ تہ سارو پيو سانوڻ لُڏي!

يادگيرا اُنهيءَ ڪي وري يار جا،
نيڻ ڪارا ڪجل جي تکي ڌار جا،
ڪيئن نہ ٿڏڙا پري ساهہ کو سار جا،
ڪير ڏسندو هي آثار فنڪار جا،
جيئن نري جي نشي ۾ ٿو بانيڻ لُڏي،
پينگهہ تي ڄڻ تہ سارو پيو سانوڻ لُڏي!

پيار تڪرن ۾ ساواڻ جيئن ٿو نهي،
تنهن منجهان ور وڪڙ جيئن جهرٽو وهي،
ڪوئي شاعر اتي ٿو رُباعي چئي،
ڪيئن چڙين جي وڃڻ جو ٿو آوازٿئي،
ڄڻ تہ ريدار جو ٿو سڄو ڏڻ لُڏي،
پينگهہ تي ڄڻ تہ سارو پيو سانوڻ لُڏي!

## "عشق نہ آهي راند"

عشق نہ آهي ڪائي راند،
او مُورک اڻ ڄاڻ!
عشق نہ آهي ڪائي راند!

ويهي واريءَ تي ويراڳي،
ڇا ٿا ماڻن جاڳي جاڳي،
ڳائن جوڳي،
پوءِ بہ اپوڳي،
ءِ جاڳائن جُڳ جُڳاند،
عشق نہ آهي ڪائي راند!
هُو بہ تہ ناهي، هي بہ تہ ناهي،
راهہ ايجان ڪا ٻي بہ تہ ناهي،
ڊوڙي ڊوڙي،
نيڻ چڪوري،
موتي ٿي اڄ آهي ماند،
عشق نہ آهي ڪائي راند!
ڪيڏا آهن پنهنجا قصا،
ماٺهو ڪي ئي دل جا حصا،
ڪيڏو روئي،
اکڙيون ڌوئي،
آلو ڪيو مون آهي پاند،
عشق نہ آهي ڪائي راند!

# "هرجائي پؤنرا"

او هرجائي،
پؤنرا!
تو ڇو،
منهنجي ننڊ ڦٽائي؟
او هرجائي!

ساون جي تپندڙ ٽي پهري،
تنهنجي مُـکڙيءَ سان دل گهري،
مون ته نمن جي ڇانوَ وسائي،
او هرجائي!
تو ڇو منهنجي ننڊ ڦٽائي؟
توڙي آهن ڦول پهاڙي،
توکي ڄاڻي ٽاري ٽاري،
تنهنجي هر ڪنهن سان گهرائي،
او هرجائي!
تو ڇو منهنجي ننڊ ڦٽائي؟
تارن جي سج پوتي لاٽي،
تون ٻه اٿين ٿو تنهن پل ساٿي،
ڪرٽن جيئن پاتي انگڙائي،
او هرجائي!
تو ڇو منهنجي ننڊ ڦٽائي؟
تون پيو گل سان پيار ڪرين ٿو!
۽ سڀ ڪجهه ٻَلهار ڪرين ٿو،
مُـکڙي مُـکڙي تيئن شرمائي،
او هرجائي!
تو ڇو منهنجي ننڊ ڦٽائي؟

## "گيت گيت جو ميت"

گيت گيت جي ميت ميت جي،
منهنجي من ۾ پياس! رهي ٿي،
منهنجي من ۾ پياس!
ورشا ڳائي، شرڏا ڳائي، ٻپتا ڳائي ٿي،
ڪاليءَ جي مندر جي هرڪا ڪنيا ڳائي ٿي،
منهنجا گيت پيو ٿو ڳائي، اڄ هُو ڪاليداس،
منهنجي من ۾ پياس! رهي ٿي،
منهنجي من ۾ پياس!

روڳي ڪنهن جو روڳ هو ڳاتو، هي جا بين وڳي،
ياد اچي ٿي سُرهي سُرهي، ان کي هاڻ سڳي،
جنهن جي خوشبوءِ منجهه سمايو ڌرتي ۽ آڪاس،
منهنجي من ۾ پياس، رهي ٿي،
منهنجي من ۾ پياس!

يار پٽن جي آلي واري جنهن تي مينهن وُٺو،
مور ٽهوڪا لاتا آهن، منهنجو ميت رُٺو،
جيئن وسي ٿو مينهن، اچي ٿو تيئن مٽيءَ مان واس
منهنجي من ۾ پياس، رهي ٿي،
منهنجي من ۾ پياس!

تنهنجي ڪارڻ ڪنيا ڪرڪي، ڪاڇي جي جڻ ڪونج،
جڻ آڪاس زمين جي وچ ۾، جنهن جي ڦهلي گونج،
ميران کي ٿو يار سجائي، هر ڪو عام و خاص،
منهنجي من ۾ پياس، رهي ٿي،
منهنجي من ۾ پياس!

# "گيتَ"

گيت تہ منهنجا رهندا تيسين،
جيسين دنيا باقي!
سائين! جيسين دنيا باقي!

تون تہ اروپ نگر ۾ مون کي روپ سوين ڏيکاريا،
جن لئہ مون هي تنهنجي درتي ديپ اچي هن ٻاريا،
نيٺ تہ ايندين آخر ڏيندين، مون کي جام ڀري تون،
تون ئي منهنجو ساقي،
جيسين دنيا باقي!

ڪاري رات اچي اوڍيا هن ويتر ڪارا ويس،
بادل ڪارا چڻ تہ ڪري آيا هن ڪارا ڪيس،
اوندهہ جي انڌڪار اندر ٿي ڳوليان پنهنجا ميت،
هاڻ تہ ٿين اوطاقي،
جيسين دنيا باقي!

تون جي مون کي گيت ڏنا سنگيت ڏنا او سائين!
جيسين رهندي دنيا، رهندا مون وٽ تيسيتائين،
املهہ گيت جي دنيا اندر، ٽڙندي تاري تاري،
توڙي آدم خاڪي،
جيسين دنيا باقي!

# "نہ آهين تون...!"

نہ آهين تون بہ پرين جي هيل،
تہ تنهنجي يار ملڻ جي ويل،
اسان جو جيءُ ڇڏيو ڳاري!

پئي ٿي ماڪ سندي هيءَ باک، ڏين ٿا گس اسان جي ساک،
اڇي ٿو ڏينهن پڏي جو موڙ، اڇن ٿيون ڪڪريون ڪلنديون ڪوڙ،
پٽن تي ڊوڙي ٿي جڻ ڊيل،
اوهان جي يار ملڻ جي ويل!

ڪنول جا ڦول پٽن ناريون، پريان هو سونهري ساريون،
اڳيان هُو ليمن جو آ باغ، جُهري ٿو هردي جو هر داغ،
وڃي ٿي ڪيت وچان جو ريل،
اوهان جي يار ملڻ جي ويل!

ڪڏهن تون آنهہ پلر جو ٻُڪ، ڪڏهن تون مڏ نريل جو ڏُڪُ،
ڪڏهن تون ڦولن جي آن ڇانوَ، ڪڏهن تون پيار سندا سوُ نانوَ،
اندر ۾ يادن جي آ پيل،
اوهان جي يار ملڻ جي ويل!

پرين هو ڪوٺ اندر ڪويل، پئي ٿي ڪُوڪي ڪبئي پل،
مٿان هي چيٽ سندي آ رات، پئي ٿي چانڊوڪيءَ جي جهات،
انهيءَ جي هينان هي ناريل،
اوهان جي يار ملڻ جي ويل!

## "ڀنڀوري"

او ڀنڀوري او ڀنڀوري
ناسي ڪاري ،
او ڀنڀوري!

گُـلڙن تي ٿي ڦيريون پائين ، خوشبوءِ کي ٿي ڇڻ پرچائين ،
خوشبوءِ کان تون ڌار نہ آهين ،
ان کان ناهي تنهنجي دوري ،
او ڀنڀوري!

جاتي جاتي نار وهن ٿا ، اُت تنهنجا سنسار وهن ٿا ،
ڄڻ دنيا کان ڌار وهن ٿا ،
وَلِ وَلِ اُن تي آهہ انگوري ،
او ڀنڀوري!

پاڻيءَ تي تون جيئن ڪرين ٿي ، لهرن ۾ تون ڄڻ تہ ڦرين ٿي ،
ڦول ڦول ڏي ايئن سرين ٿي ،
ڄڻ آ تنهنجي آس اڌوري ،
او ڀنڀوري!

ڪاني تي ايئن رقص ڪرين ٿي ، ڄڻ تاريلي نار لڳين ٿي ،
خوشبوءِ جي بازار لڳين ٿي ،
سونهن اندر ڪا آهين سُـوري ،
او ڀنڀوري!

تون تہ بسنتي گيت لڳين ٿي ، ڪڪ ، ڪاني تي خوب سجين ٿي ،
ساريءَ رُت تي راڄ ڪرين ٿي ،
جوڀن رُت تي آهين پُـوري ،
او ڀنڀوري!

## "جهوري - جهُڙ"

جهوري ٿو اڄ جهڙ،
الا لا جهـڙ،
هوا ۾ ٿيندي ڪا ته ٿَهار!

دلڙي سودائي ٿي تنهنجي ڇاتي ويني ڳائي،
ڇا ان کي ساري ٿي ويني جو نه سگهي آ پائي،
يا ته انهيءَ لئه ڪانگ مَـنهن تان ويني اڄ اُڏائي،
يا ته اڄي ۽ حال اندر جو مون کي وڃ سمجهائي،
ڇا ٿي ويني ڳائين، آخر ڇا ٿي ويني ڳائين!
موڳي ان کان مـُڙ،
جهوري ٿو اڄ جهڙ!

جوڀن آيو آهي سجني جيئن ڇاهت سان ڀڪجي،
ڏار ڦٽا جيئن مينديءَ جا تيئن تون به وئي آنءَ نکري،
چندن ڳوهيل وار هوا ۾ جيئن جيئن ويا هن وکري،
آنءُ نهاريان ڪارن ڪڪرن ڏانهن پئي ٿي نڪري،
ڪيڏو ڪنوٽين منجهه ڪجيو آن مينهن ٻٽي وس تون،
لاهه اڄي هي لـُڙ،
جهوري ٿو اڄ جهڙ!

آءُ مَـنهن تي، ڪانگل ٻول ته، ساجن ايندو هاڻ،
جنهن جي خاطر جيون جليو، جواني جنهن جي ڪاڻ،
نڪري پورب ڪان ٿي موٽين ساجن کي ٻه ته آڻ،
سوڻ سيپيئي ڪر ته سجايا موٽي من کي ماڻ،
ڪانگل اڄ جي ساجن آيو منهنجو لايو ٿيو سجايو،
ڏينديس توکي ڳـُڙ،
جهوري ٿو اڄ جهڙ!

## "چاهت جا نيشان"

سڙي تي ميڻ بتيءَ جي وٽ،
جلن ٿا ان تي ڪيئي پنک،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

اڇي ٿو پوکيءَ لئہ جيئن ريج، نهي ٿي سرسوتيءَ جي سيج،
ڦٽي ٿي آهي جيئن ڦولار، انبن جي ٻور سندي مهڪار،
انهيءَ ۾ ساجن تنهنجي سار،
سجايو سورن جو سامان،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

پرينءَ جي سرتين جا سُرباٽ، اڇن ٿا چوڙين جا چمڪاٽ،
ٺٺي ٿي پايل جي ڇم ڇم، اڇن ٿا نچندا هي آگم،
مڇي ٿي مينهن سندي موسم،
ڇڙن ٿا جيئن جيئن هي سُرتان،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

نچن ٿا نئوورنيءَ جا انگ، لڏن ٿا محلاتن جا منگ،
وجهي ٿي اندلٺ وانگر ونگ، چپن تي چاهت جا ڪي چنگ،
هٽي ٿي خوشبوءِ دل ۾ ڏنگ،
جلن ٿا عطر ۽ لوبان،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

اسان جي اندر جو ايذاءُ، نہ جنهن لاءِ ڪنهن کي سڌ سماءُ،
اچي ٿو ياد جڏهن هو يار، تہ سارو سڙي پيو سنسار،
ڇڙي ٿو ساز مٺان ملهار،
انهيءَ جا اڪژين تي احسان،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

•

پئي آ پهرين پهرين بوند، جليو آ هردو منهنجو هوند،
ڪئي آ ڪکرن جيئن گجگوڙ، ڏنا هن سپنا ساجن ڪوڙ،
وڄــن جا بادل پاتا موڙ،
ٿيو آ منڙو هي حيران،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

•

ڪري ٿي ڪاري رات ڪمال، اسان جو ساجن اهڙو حال،
اندر ۾ جهنگ صفا جڻ "پئي"، انهيءَ جي گهاٽي ڪاري لئي،
ٽٽي ويا ٽيڙو يارو ٽئي،
ٿيو آ اُڀ صفا ويران،
نهن ٿا چاهت جا نيشان!

'پئي": سڪرنڊ پرسان سنڌو نديءَ جي ڪچي وارو ٻيلو جتي شڪارگاهه پڻ آهي.

## "گيت لکان"

يا تہ پئي ٿي ڪوڪي ڪويل،
يا ٿو آئون گيت لکان،
چو نہ ٻڌين ٿو هيءُ ميان!

جيئون آهي رين بسيرو، ڪو بہ نہ پاڇو، ڪو بہ نہ پيرو،
پيار محبت دوکو آهي،
هر پل سائين اوکو آهي،
آئيون آخر سُک ڪٿان، يا ٿو آئون گيت لکان!

هڪ تہ محبت جي مجبوري، ٻيو تہ ورهہ جي ٿي وئي دوري،
ڪو بہ نہ مند جو آهي چين،
ڏينهن ڏکارو ۽ ٻيو رين،
من تي ڇانئين آهہ خزان، يا ٿو آئون گيت لکان!

ڪو بہ نہ آهي اهڙو ماڻهو، يا تہ مفڪر ڪوئي ڄاڻو،
جيڪو هن بستيءَ ۾ رهندي،
پيارمحبت جا غم سهندي،
چوندو " آئيون ڏک ڪٿان؟"، يا ٿو آئون گيت لکان!

هڪڙو آهي ٻاجي وارو، هن نگريءَ ۾ هو وڻجارو،
جنهن وٽ هڪڙو گيت نئون آ،
جنهن کي ڳائي ٿو دُکيارو،
هُن وٽ آهن راڳ نوان، يا ٿو آئون گيت لکان!

# "ڳاءِ ڪوي!!"

منزل آهي ڏُور، اڃان ڪجهہ ڏُور!
ڳاءِ ڪوي!
ڪجهہ ڳاءِ ڪوي!

ٻيڙيءَ وارا،
ڏُور ڪنارا،
تون آن پهرئين پُور اڃان،
منزل آهي ڏُور اڃان!

اڃان پيءُ جام،
نہ ٿي آ شام،
دل ٿي نہ سُڪي ڪنگُور اڃان،
منزل آهي ڏُور اڃان!

پئي آ رات،
مٿان برسات،
ڦٽي ٿو ول مان پيو انگور اڃان،
منزل آهي ڏُور اڃان!

اڃان ڪجهہ ڳاءِ،
مٿان برساءِ،
نہ ٿيو آهين تون جهُور اڃان،
منزل آهي ڏُور اڃان!

## "جڳ آهيڙي"

جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!
دڳ ڪنياتا آهيڙي آهي.

ماريءَ جي هٿ آهي ڄار،
مند نہ ڏسندو آهي ماري،
ڏسندو آهہ رڳو منجهڌار،
ڏس تہ پريان هوءَ ٻيڙي آهي،
جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!

ماڻهو ميڙن پيا ٿا مالَ،
لفظن جا هون پاڻ پوڄاري،
اکرن کو نہ ڪيو ڪنگال،
مون بہ تہ ملڪيت ميڙي آهي،
جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!

آئون اڪيلي آهيان ڪونج،
سج ڇڏي ويو منهنجو ساٿ،
رات نہ ٻڌندي ڪنهن جي گونج،
ڪا نہ پُليءَ جي پيڙي آهي،
جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!

پويون هيءُ سرءُ جو واءُ،
سپنن سان پيو رانديون رهندو،
ڪونهي ڪنهن جو ڊپ نہ ڊاءُ،
پر ڪنهن تند جا ڇيڙي آهي،
جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!

رات رُلي ٿي ڊيل ڀٽن تي،
اُپ ۾ هڪڙي ڪڪريءَ وانگي،
شايد ٿيندا ميل ڀٽن تي،
ڦاٽي پوءِ بہ اويڙي آهي،
جڳُ ڪانگل آهيڙي آهي!

## "ايندڙ ڏينهن جا گيت"

اونداهين ۾ لڪنداسين،
ايندڙ ڏينهن جا گيت!

گرجي گرجي بادل برسي پوندا جڏهين يار!
کيت ۾ کلندا، مارو ملندا، پربا فصل خرار،
لکبا نينهن جا گيت،
ايندڙ ڏينهن جا گيت!

ڊچندا منهنجا هنيانوَ ۾ تنهنجي ککرن جي وچ ساڻ،
دل جون ڪڙڪيون ٽڙڪي ويندڀون هن ايڏي ڊچ ساڻ،
سانوڻ مينهن جا گيت،
ايندڙ ڏينهن جا گيت!

لکندا شاعر هن ڌرتيءَ تي ڪيئي گيت غزل،
ڊنديِ مٿان جيئن تازا ترندا آهن نيل - ڪنول،
چاهن "چيئن" جا گيت،
ايندڙ ڏينهن جا گيت!

يئن: ڦاسي) "مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري" (شاهه)

# "نڪ ڦُلـيءَ جو گيت"

گيت گوريءَ جي ڦُلـيءَ جو خواب ٿيو!
خواب ٿيو!

جاڳ جا سپنا چندر جي رات آ،
ياد تنهنجي اڄ بہ هر هڪ بات آ،
چنڊ اجان چمڪي، ڦٽي پرڀات آ،
روح تنهنجو اڄ ڪلي هڪ باب ٿيو،
گيت گوريءَ جي ڦُلـيءَ جو خواب ٿيو!

ڏنڍ تي ڪيڏيون ڪنيون نايون ٿيون،
سونهن ورنيون سانوٽيون ساريون ٿيون،
تنهن اندر ڪيڏيون نيون ياريون ٿيون،
پر سمو گذري اهو سيلاب ٿيو،
گيت گوريءَ جي ڦُلـيءَ جو خواب ٿيو!

ور جهين جي واڳ ۾ ناهي رهيو،
چس انهيءَ جي چاڳ ۾ ناهي رهيو،
وس ڪنهن جو ڀاڳ ۾ ناهي رهيو،
ڀاڳ پنهنجو جو اڃي سيماب ٿيو!
گيت گوريءَ جي ڦُلـيءَ جو خواب ٿيو!

قول جانيءَ جو جنهين جي چڳ ۾،
آنءُ سوياري سموري جڳ ۾،
سڀ سکين جي آهيان مان اڳ ۾،
نينهن منهنجو اڄ پرين ناياب ٿيو،
گيت گوريءَ جي ڦُلـيءَ جو خواب ٿيو!

# "ياد"

ياد ٿا مون کي اچن،
هُو،
ياد ٿا مون کي اچن!
بانس جون پونگيون انهن جي، ياد ڏياري ٿيون وڃن،
ٿي ٿئي چانڊاڻ جڏهين، چڻ تہ ماري ٿيون وڃن،
ٿي وري الحاد ٿا مون کي اچن،
هُو،
ياد ٿا مون کي اچن!

هو پرين: جي سانت جو ساحل ڏئي مون کي ويا،
پل پل پرين ڏُکندڙ اها، جو دل ڏئي مون کي ويا،
ٿي رهي ناشاد، ٿا مون کي اچن،
هُو،
ياد ٿا مون کي اچن!

روز ٿو درگاهہ تي ميلو مچي ڏُکڙن سندو،
روز سازن جو اتهان آواز ايندو آ پيو،
جيئڻ وڃي ٿي ناد، ٿا مون کي اچن،
هُو،
ياد ٿا مون کي اچن!

بارشن جي موسمن ۾ دل اسان جي ٿي سڙي،
ڪُوڪ ڪويل جي سراپا روح ۾ پيئي رڙي،
دل نہ ٿي آزاد، ٿا مون کي اچن،
هُو،
ياد ٿا مون کي اچن!

# "ڏوڙ ڏيا!"

ڏوڙ ڏيا او ڏوڙ ڏيا!
ڏوڙ ڏيا او ڏوڙ ڏيا!

پرئين ترَ جي گوري ڏس تون،
جهمر اندر ڪيئن جهمري آهي،
ڪنت متان جا رقص ڪري پئي،
پيلي جي جڻ نمري آهي،
لهرن تي تي پئي لهرائي،
دور هوائن ۾ نيا، ڏوڙ ڏيا او ڏوڙ ڏيا!

پوياڙيءَ جو پور- نما ۾،
هُن جا انگ به ڳهٽا آهن،
سون کي ڪٿ نه لڳندي آ،
هي رنگ شفق جا رهٽا آهن،
سونهري ڪڪريءَ جي پويان،
ڪيڏا آهن ڪنگ ويا، ڏوڙ ڏيا او ڏوڙ ڏيا!

آڌيءَ رات جو ٽڪجي موتيا،
آس لڳائي نيڻ ٽڪل،
ڏنڌلا سپنا راس نه آيا،
ننڊ اکين کان ٿي اوجهل،
پرهه سندي پکواز ٻُڌڻ سان،
چڙهيا آهن گيت چڪيا. ڏوڙ ڏيا او ڏوڙ ڏيا!

---

(ڏوڙ ڏيا: ريتي ۾ واري مان نديءَ ڪناري سون جا ذرا ڳولينڌڙ قبيلا)

## "منزل دور نہ آهي"

منزل دور تہ ناهي ساٿي،
منزل دور تہ ناهي!

ڪيڏا سال سٺا هئي رڪَ ۾، تون تہ ونيءَ جي ويو آن ٻڪ ۾،
ڏاڍا ڏينهن ٿيا ٿي،
منزل دور تہ ناهي ساٿي!

ٻاهہ جلايا ڪک ۽ ڪانا، جنهن سان ڪوڙ هيا افسانا،
آئي آڳ اُلا ٿي،
منزل دور تہ ناهي ساٿي!

پنهنجي هٿ ۾ رٿ بہ آهن. پنهنجي پوريان سٿ بہ آهن،
آهن مڪنا - ماٿي،
منزل دور تہ ناهي ساٿي!

آزاديءَ جي جنگ اڌوري، تون اٿ - پورو، مان اٿپوري،
آس نہ آ مون لاٿي،
منزل دور تہ ناهي ساٿي!

# "سوني ماڙي ڏات!"

تون تہ خدا ڪو جادوگر آن!
سوني ماڙي ڏات،
ڳوڙهن ڳاڙي ڏات.

تنهنجو من سمندر تي ٿو ڪنهن کي ساري ايئن،
ڪيڏو ڏور چڪور وڃي ٿو چنڊ جي پويان جيئن،
منهنجا گيت ڏکن جون ڇوليون، سمنڊ ڏکي ٿو پيو،
تو اڄ ساڙي ڏات،
سوني ماڙي ڏات!

پوياڙيءَ جو هرڻي ورندي تو تہ ڏٺي هوندي،
۽ پوءِ واريءَ تي ايئن مرندي تو نہ ڏٺي هوندي،
ان جي رت جي ريک تہ ڏس: ڪيڏي پياري هئي!
جهاڙي جهاڙي ڏات،
سوني ماڙي ڏات!

مون بہ تہ منڙو هرڻيءَ وانگر بن بن روليو آهي،
۽ سسئي جي سومهڻيءَ جيئن توکي ڳوليو آهي،
تون تہ صدين جو سپنو آهين، آنءُ تہ جنم جو ڪيل،
هيءَ اناڙي ڏات،
سوني ماڙي ڏات!

مولسرين تي ماڪ پوڻ کان اڳ ۾ تو آنءُ جاڳان،
ان کان پِي اڳ سپني جي ئي دڳ ۾ تو آنءُ جاڳان،
پوءِ بہ رُساٽيل راٽي وانگر آيو آهين ڪو نہ!
مون پِي پاڙي ڏات،
سوني ماڙي ڏات!

## "ڏورا آلا ڳوڙهن سان!"

ٻانهن ۾ هوءَ منهن لڪائي،
روئي ويٺي سپنن سان،
ڏورا آلا ڳوڙهن سان!

آنءُ اڪيلي ساريان پريتم، لڙڪن هنجون هاريان پريتم،
ساوڻ ڪيئن گذاريان پريتم، ٻيون سڀ سرتيون جوڙن سان،
ڏورا آلا ڳوڙهن سان!

پرياتيءَ ۾ اوساريندي، يادن جا ڏيئا ٻاريندي،
ساجن توکي ئي ساريندي، گيت لکان ٿي لُڙڪن سان،
ڏورا آلا ڳوڙهن سان!

ڏک جي ناهي حاجت ڪا، تو سان ڪهڙي حجت آ،
تو لئہ ڳايان گيت منا! تنهنجو ڇا ويو ٻولن سان،
ڏورا آلا ڳوڙهن سان!

سرتيون مُهڻا روز ڏين، سَهڻا تولئہ يار! پون،
جڏهن جڏهن ٿا ڪانگ لنوَن، آنءُ مران ٿي اکرن سان،
ڏورا آلا ڳوڙهن سان!

# "چئن پلن جا گيت"

چئن پلن جا گيت،
ٻُڌي وڃ!
چئن پلن جا گيت!

اڄ تہ سُرن جي مالها ڪائي ڳاتي آهي شام،
۽ هيءَ ڳاڙهي ساڙهي جڻ ڏس پاتي آهي شام،
ڪونجون ڪرڪن،
ڇنن ڇنن ڇن!
تنهن پل سونهن ميت، چئن پلن جا گيت!

اي سجني تون آهين جڻ شام سندو ڪو ويس،
تنهنجي لاءِ سنڌوءَ تي پنڇي جڻ تہ اُٽن پيا ڪيس،
تنهنجو جوڀن،
ڇنن ڇنن ڇن!
سڀ ڪجهہ آهہ سنگيت، چئن پلن جا گيت!

آڌيءَ رات نديءَ ۾ لهندڙ تون آهين جڻ چنڊُ،
۽ چانڊوڪيءَ منجهہ ڪنهن مندر جهڙو تنهنجو منڊُ،
تنهنجو درپن،
ڇنن ڇنن ڇن!
جڳ تي گويا جيت، چئن پلن جا گيت!

هن درپن جي لاءِ ڏنو مون جنم جنم جو دانُ،
تڏهن تہ راڌا! ڪرشن جهڙو آهي تنهنجو شانُ،
ڪرشن جو من،
ڇنن ڇنن ڇن!
راڌا جي جڻ ريت، چئن پلن جا گيت!

## "لفظن جو پهراڻ!"

لفظن سان پهراڻ پرينديٰ،
سج لهي ويو ساجن آ!

آڪ پرينديٰ، ماڪ پوي ٿي، ڪويل ٻولي ڪجهه ته چوي ٿي،
تو لئه ويس سُـبي ڄڻ سائين!
پاڻ ڏٺو هُـن درپن آ،
سج لهي ويو ساجن آ!

ننڊ سُـتل ڄڻ شهر لڳي ٿو، پوڄا جوئي پهر لڳي ٿو،
آنءُ عبادت منجهه گذاريان،
ماندو تولئه ئي من آ،
سج لهي ويو ساجن آ!

اگني آهه جلي ڄڻ جَـلَ ۾! پرهه ڦٽيءَ جو نيل ڪنول ۾،
شعلا شعلا ڊنڊ لڳي ٿي،
ڪيڏو سُـندر پن پن آ،
سج لهي ويو ساجن آ!

ايئن مهڪي ٿي رات جي راڻي، جيئن تنهنجي لئه هيءَ جوڳياڻي،
واجهه وجهي ويٺي آهي اڄ!
مهڪيو اُن سان آنگن آ،
سج لهي ويو ساجن آ!

## "آڪ - اُجهاٽي"

ڪونهي ڪا بہ ڪهاٽي،
چوڏس آ اونداھہ، يار!
جيون آڪ اُجهاٽي!

هر جيون کي پنهنجي اُج آ، هرڪو گهري درياھہ،
جنهن سان پنهنجو جيون گهاري، جنهن کي اربي چاھہ،
پر ڇا حال پڇين ان دل جو، جنهن وٽ ناھہ درياھہ،
واري ئي بس آھہ اُڏاٽي، يار!
جيون آڪ اُجهاٽي!

تڙپي تڙپي تنهنجي ڪارڻ، جوڀن منهنجو پٽڪيو،
پڃري ۾ جيئن قاتل پنڇي، مُنڊ پَسي ۽ ڦٿڪيو،
پر ڇا حال پڇين ان دل جو، سُڪي ويو جنهن ساھہ!
اکڙين ۾ لُڙڪ نہ ڪو آ پاٽي، يار!
جيون آڪ اُجهاٽي!

دل جو روڳ نہ تو ڪو ڄاتي، دل فقط تي ڄاتي،
ڏک ۾ ڪو بہ نہ آهي ساٿي، هر ڪو موجون ماٽي،
پر ڇا حال پڇين اُن دل جو، ڇڏي دنيا سان چاھہ،
ٻٽي دل آهي ڄڻ جوڳياٽي، يار!
جيون آڪ اُجهاٽي!

# "زندگي ناهي فضول"

جيئن زندگي ناهي فضول ۽ چانڊوڻي ناهي فضول ،
تيئن شاعري ناهي فضول ،
سو روشني ناهي فضول!

ڪير پايل جي وڄڻ تي پابنديون سگهندو وجهي ،
ڇير پاڻ ئي ڇمڪندي ، ويندا سِيئي گهنگهرو ڇڄي ،
پيار جي پياري هوا ۾ ، روحَ هي ويندا رڄي ،
سونهن کي سمجهڻ ڏکيو آ ،
عشق جو ناهي حصول ، جو زندگي ناهي فضول!

رات جهڙا نيڻ هن جا ، شاعري هن جو بدن ،
هوءَ رکي ٿي پير جت ، ٿا اُت ڪنول جا گل ٽڙن ،
ٽهڪ جي ٿي هوءَ ڏئي ، ٿيون موسمون تبديل ٿين ،
ڪير آهي جو ڪندو ،
هن کي نہ اي سڄڻي! قبول ، جو زندگي ناهي فضول!

ٿا لاڙ ۾ ڪيتن منجهان ، آواز پنڇين جا اچن ،
مُند تي ڦُولار ڦُلڙيون ، مُند تي پوکون پچن ،
مينهن تي ميڙا مچن ۽ ، نينهن مان ناچو نچن ،
هونءَ تہ ٻڌجي آنهہ ملندي ،
ڇو پئي آن تي ملول ، جو زندگي ناهي فضول!

پيار جي گيتن سندو ، ٿو باغ مان تخليق ڪيان ،
۽ انهيءَ جي پنکڙين تي ، ٿو نڇاور مان ٿيان ،
تن گلابن ۾ پيو ٿو ، ساهہ مان پنهنجو وجهان ،
ڪاش منهنجا گيت تون ،
خود ڪرين دل سان وصول ، جو زندگي ناهي فضول!

# "پيار سندو پل پل"

پوتر پيار سندو پل پل ،
جرڪي پيار سندو پل پل!

تون ايندين مان لکندس گيت ، وڄندا فطرت جا سنگيت ،
ڳائيندي جڏهين ڪويل ،
جرڪي پيار سندو پل پل!

برکا وسندي جَــڳَ نرندا ، ڏنڊ مٿان نيرڳ ترندا ،
مُــڪڙيءَ مان پوءِ ٽيندو گل ،
جرڪي پيار سندو پل پل!

منهنجي خاموشي ڳائي ٿي ، تارن جي چادر پائي ٿي ،
ســندر ٿي پيو پل - اپل ،
جرڪي پيار سندو پل پل!

جڏهين ويندين يار پري ، موسم جا هي نيڻ پري ،
اُپ جو ڪير اُگهي پوءِ ڳل ،
جرڪي پيار سندو پل پل!

## "گيت سندي گجگوڙ"

گيت ڪئي گجگوڙ اسان جي،
ڏوڙيا مور هزار، او يار!
ڏوڙيا مور هزار!

يار ڪڏهن راڳيءَ جو منڙو، سوچيو آهي تو نہ،
هيءُ پٽن تي اندلٺ جهڙو، ڪنهن بہ ڏنو آ ڪونہ،
اهڙي ٿو منظر مِر ڳائي،
لاسي ڪو ملهار!
ڏوڙيا مور هزار!

تو تہ نہ مڏ ڪڏهن آ پيتو، موڪيءَ جي مٽ جو،
توکي قدر تڏهن نہ آهي، وٽيءَ سندي وٽ جو،
ڪيپ اندر پوءِ ڪُلندا آهن،
سورن جا سنسار!
ڏوڙيا مور هزار!

ديپڪ مان ڪٿ دانهن ٻڌي تو، آهي اي انسان!
هردو منهنجو سازي ٻاري، هُن ڪيو شمشان،
ڄر جون ايئن ڄيون ٿي اٿنديون،
ٿيندو جڳ گلزار،
ڏوڙيا مور هزار!

# "منهنجو گيت اڌورو"

هن جيون جي ڌارائن تي،
منهنجو گيت اڌورو آهي!
منهنجو گيت اڌورو آهي!

مون کان ڪيڏو ڏور يڳانن صوفين جو اوتارو آهي،
گونج اندر هو ڳڏيل سڏيل، ڳائڪ ۽ يڪتارو آهي،
مون کان دور تنبورو آهي،
منهنجو گيت اڌورو آهي!

مون کان دور آڪاش بہ آهي، ڌرتيءَ جو پي ناهيان آنءُ،
ڪير ٻڌائي سگهندو منهنجو، آخر ڪاٿي آ ٿر ٿانءُ،
جڳ سپنو اڻ - پورو آهي،
منهنجو گيت اڌورو آهي!

منهنجو ماڻُ نہ ڄاڻي ڪوئي، ۽ ڪوئي بہ نہ ڄاڻي سگهندو،
هن دنيا ۾ ڪير نہ ڄاڻي، منهنجي يار ڪهاڻي سگهندو،
منهنجي من ۾ ڪُورو آهي،
منهنجو گيت اڌورو آهي!

ڪير ٻڌائي سگهندو اُپ تي، ڪيئن ستارا ايندا آهن،
ڪير ٻڌائي سگهندو آخر چند، ستارا، ڪتيون ڇا هن؟
عقل اتي ئي پورو آهي،
منهنجو گيت اڌورو آهي!

---

نوٽ: ڪٺلداس فانيءَ جي گيت کان متاثر ٿي لکيل گيت. (ر.پ)

## نئون نيا پوا ڪيڊميءَ پاران

# جلد ايندڙ ڪتاب

1. ويڇڙيا آهيو وسريا ناهيو ( ڪراچيءَ جا ڪردار) گل حسن ڪلمتي
2. سٽ هزار ڏاڙيل (ڪهاڻيون) ڊاڪٽر منظور قادر
3. خانہ بدوش (نظم) جان خاصخيلي
4. ويچار (ادبي تنقيد) ممتاز مهر

